ساس سِٽِي سکر. ڪام

# ”محڪريءَ جا مضمون“

## ترجمو: حبيب سنائي

## ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

www.ebooks.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

0333.7146119

# هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊات نيٽ

## جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو.

**www.voiceofsindh.net**

آڪٽوبر 1908ع تي بنگلور ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر جي ايم مهڪري صاحب ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ نوڪريءَ سانگي سنڌ ۾ اچي ورسيو هو. هن صاحب انگريزي زبان ۾ سنڌ جي حوالي سان ڪيترا مضمون ۽ ٻه عدد ڪتاب لکيا آهن، جن مان هڪ ڪتاب Sorrows of Sindh ڇپيل آهي. محمد ابراهيم جويو صاحب سندس ڪيترن مضمونن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جيڪي "محڪري جا مضمون" نامي ڪتاب ۾ شامل آهن. چند سال اڳ هيءُ صاحب فوت ٿي چڪو آهي. سندس مذڪوره ڪتاب اڻ لڀ آهن. ۽ نئون نسل هن جي عاليشان ويچارن کي پڙهڻ کان محروم آهي. هن جا هيٺيان مضمون مون ڪافي سال اڳ ترجمو ڪيا هئا ۽ اڪثر ماهوار ڪينجهر حيدرآباد ۾ ڇپيا هئا. انهن جي افاديت کي ڏسندي ڪين آئون هن ننڍي اليڪٽرانڪ بڪ ۾ پيش ڪريان پيو. اميد ته نئون نسل انهن کي پڙهندو ۽ ڪارائتين ڳالهين کي هينئي سان هنڊائيندو. ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌ کي خوشحال بنائڻ جا جتن ڪندو.

**(مترجم)**

# فهرست


1. سنڌي ڪلچر جي شعوري واڌ ويجهه : سنڌي نوجوانن جو فرض
2. سنڌي ڪلچر جي شعوري واڌ ويجهه : سنڌي نوجوانن جو فرض ۽ دانشورن کي چتاءُ
3. قرارداد پاڪستان ـ خودمختيار ۽ آزاد رياستن وارو ملڪ
4. گانڌيءَ جي طاقت جو راز
5. سنڌي هاڪاريت ـ آئيندي جو آسرو
6. خلق ئي ته سنڌ آهي
7. نوجوانن جو پنهنجي سنڌ ۾ ايمان

# سنڌي ڪلچر جي شعوري واڌ ويجهه - سنڌي نوجوانن جو فرض

فليندبر جي ٻنين ۾،
قطار در قطار،
پست جا قول لڏي لمي رهيا آهن؛
اسانجي جاءِ تُنهن جو نشان،
ڪليل آسمان ۾ ڳائيندڙ پکي اڏري رهيا آهن؛
بندوقن جي گجگوڙ ۾،
ورلي ڪو ٻيو آواز ٻڌجي تو........
........اسان پيار ڪيو، اسان کي پيار ڪيو ويو،
۽ هاڻي اسين
فليندبر جي ٻنين ۾ پيل آهيون،
جتي پوکيل پست جا قول لڏي لمي رهيا آهن.
’ڪرندڙ هٿن مان
اسين مشعل کي اڇليون پيا،
مظبوطيءَ سان ان کي پڪڙيو؛
دشمن ڏي نياپو نيو:
اسين فليندبر جي ٻنين ۾ پيل آهيون
جتي پست جا قول لڏي لمي رهيا آهن.

پهرئين مها ياري لڙائيءَ ۾ مئل ڪنهن ماڻهو جي قبر مٿان اهي فليندبر وارا پست جا قول لڏي لمي رهيا آهن. انهيءَ لڙائي هلندي هڪ

جنگي سرجن ڪتان اتساهجي متيون پهريون ۽ آخري لازوال ستون سرجيون. انهن ستن ۾ ڏنل فليندبر جي پست جي گلن وارو استعارو شهادت جي سوچيل سمجهيل شعوري علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي.

اشعور ڪي شعور ۾ بدلائڻ ئي تخليقي عمل آهي.

اڻ ڳڻيو وقت گذري چڪو آهي بغير پنهنجي قدر ۽ قيمت جي ڪٿ جي. فليندبر ۾ پست جا گل ڦٽا ۽ ڦٽي رهيا آهن، ڇڻي ويا ۽ ڇڻي رهيا آهن. ائين ماڻهو – ڪلچر جا تخليقڪار – آيا ۽ ويا، ۽ زندگيءَ جي هر رخ ۾ پنهنجي ڪرت ڪان اڻڄاڻ هوندي، ڪلچر جنمي ويا. شايد ڪيترن ئي اهو ئي ڄاڻيو هوندو ته هو ائين ئي بس پنهنجو جيون گهاري رهيا آهن – مختلف مسئلن کي منهن ڏيندي؛ زندگي متعلق مختلف ويچارن ۽ فلسفن جي صحيح توڙي غلط رهنمائي هيٺ بيجا جهد پٽيندي – جڏهن ته هنن جو پر خلوص ٺهڪ به درد رتو آهي ۽ سندن گيت الميه ويچارن سان پريو پيو آهي.

گهڻيون تڻيون انساني حاصلاتون، پين هنڌن جيان، هت به، ماڻهو ۽ فطرت جي مختلف نوع جي للڪارن جو غير شعوري موٽ آهن.

انهن للڪارن سان رابطي، تڪرار ۽ ٺاهه جي نتيجي ۾ سنڌي ڪلچر جڙيو آهي ۽ ان جي پست جا گل غير ارادي يا غير شعوري طور پورجيا آهن.

سنڌ سان همدردي رکندڙ ڪوئي ماهر سماجيات يا ماهر علم الانسان جلد ئي انهن ماڻهن جي سرهي سار ۾ محو ٿي ويندو، جن جي ڪرندڙ هٿن مان غير شعوري، مشعلون اچلايون ويون، ۽ تن کي ايندڙ نسلن هٿن ۾ جهلي نه صرف جاءِ جي نشاندهي ڪئي پر پيغام به پڄايو آهي، ته اچو ۽ اچي سنڌ ۾ ڪنهن جنت جي اڏاوت ۾ حصيدار بنجو. اهو سڀ جو سڀ غير شعوري به ڪين هو.

پٺائيءَ جي ڪاوشن جي سيڪيولر ايپاس مان اهو واڪو ٿيندو ته ان وقت جي جهيڙن ۽ جنگين سان مرضيل سنڌ ۾ هن يگاني شاعر، بندوقن جي گجگوڙ ۾ ايامندڙ جنگي ميدان مٿان ڳائيندڙ پکين جيان هل ۽ هيبت کان

بالاتر ٿي، ڳيچ ڳاتا - نڪي ڪُرڪيو، نڪو رنو ۽ نہ ئي پٽ پاراتو ڏنائين - رڳو ڳيچ ڳاتائين. اهو تخليقي ورثو اڄ بہ جيئن جو تيئن آهي. البت جهيڙن ۽ جنگين ۾ استعمال ٿيندڙ بندوقن جي گجگوڙ ۽ نفرت ويسر جي تهن ۾ دبجي ويئي آهي.

سنڌ ۾ انگريز راڄ جو اهو وڙ آهي، جيڪو ڳائبو رهبو، تہ ان دور ۾ سنڌ جاگيرداري پنڌن مان نڪري جديد سيڪيولر ۽ جمهوري دور - ويچار ۽ ضمير جي آزاديءَ جو دور - ۾ داخل ٿي ۽ ڪيترن سنڌين، سنڌي ڪلچر ۾ شعوري واڌاري واري گهرج کان آگاهي ماٺي. ان کان علاوه گهڻن ٽن پٽائي جي آسن ۽ اميدن پري شاعريءَ جو گهرو اپياس ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪن مرزا قليچ بيگ جيان، سنڌ ۾ ٻين خطن جي عالمن کي متعارف ڪرايو. ڪارونجهر جي مورن - جي ناپيد ٿي رهيا آهن - جي موجودگيءَ ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ اهڙن ٻين عالمن شعوري سرگرمي ذريعي پنهنجي ٻي ٻها ويچارن سان سنڌ ماتا کي واسي ڇڏيو.

بهرحال مڪمل شعوريت جو سورج سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي قيام کان پوءِ ئي اڀريو.

ققنس پکي جيان، جيڪو پنهنجي ئي رک مان پيدا ٿيندو آهي، اياز جهڙو ٻي بدل شاعر پيدا ٿيو. جو اشعور کي شعور ۾ تبديل ڪرڻ واري ڪرت ۾ جنبي ويو.

جي ايم سيد، سندس سياسي نقطي نظر ۽ عمل کي ڇڏي ڪري، محسوسات جي حوالي سان ۽ جويو صاحب پنهنجي ويچارن جي حوالي سان سنڌ جا اوتار بنيا. ان کان علاوه پيرحسام الدين راشدي، ڊاڪٽر بلوچ، سنڌ متعلق ڇاڻپ جا پهاڙ بنيا. سنڌ کي رڳو اٺ ڳاڏيون هلائيندڙ جي سر زمين سمجهندڙ نندي ذهنيت وارن، آهستگيءَ سان مادر وطن سنڌ جي تعليمي، ڪلچري ۽ روحاني وڌائي کي ڄاتو.

هاڻي هي پيرسن پاسبان وطن مشعلن کي مٿي اچلائي رهيا آهن ته جيئن ايندڙ نسل، تن کي اجان به مٿيرو جهلين. پهرئين مهاياري لڙائي هلندي جرمنن، فرينچ فوجن جو گهيرو سوڙهو ڪيو هو، تڏهن جي فرينچ فوجي ڪمانڊر مارشل فوج پنهنجي مرڪز کي هيٺيون پيغام ڏنو:

”منهنجي ساڄي پاسي وارو لشڪر ختم ٿي رهيو آهي ۽ کاٻي پاسي وارو به مٿجي رهيو آهي. مرڪز جي ڪارڪردگي چڱي آهي. صورتحال بهترين. آئون حملي لاءِ تيار.“

ان پيغام رواني ڪرڻ کان پوءِ، همراهه سوچي سمجهي، جان جي پرواهه نه ڪندي زورائتو حملو ڪيو ..... ۽ فرانس بچي ويو. سنڌي جوانن طرفان جهالت تي اهڙا ئي حملا، سنڌ کي بچائي سگهن ٿا.

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ ٻين چاتل توڙي اڻچاتل عالمن رڳو ايترو ڪيو آهي ته اشعور کي شعور ۾ تبديل ڪندا رهيا ته جيئن سنڌي پنهنجي وساريل ڳڻن ۽ ڪلچر کي ٻيهر چاڻي وٺن.

”اهڙو وٽندڙ مجسمو تو ڪيئن گهڙيو!“ ڪنهن مائيڪل اينجلو کان پڇيو. ”اهو مجسمو ته اڳ ۾ ئي پٿر ۾ موجود هو، مون ته صرف پٿر جي غير ضروري حصن کي مٽايو آهي.“ ان اعلىٰ فنڪار جواب ۾ چيو.

سنڌ جي عظيم مجسمي مان جهالت واري کي حصي کي ڪڍڻ جي اشد ضرورت آهي.

سنڌي ڪلچر – ناچ، موسيقي،شاعري ۽ ٻيا سنڌ جا فن – اسان وٽ موجود آهن – جيئن ايچ ٽي سورلي پنهنجي ڪتاب Shah Latif of Bhit ۾ چاٽايو آهي. (جيئن هڪ عظيم انگريز ايڊورڊ ڦتجيرالڊ، عمرخيام کي، ٻي دنيا کي فيضياب ڪرڻ لاءِ ڳولي لڌو ۽ اهڙي طرح هڪ ٻي عظيم انگريز ييٽس ٽيگور کي عالم ۾ پڌرايو، تهڙي طرح وري هڪ ٽئين انگريز ايچ ٽي سورلي ڀٽائيءَ کي سڄي دنيا لاءِ ڳولي لڌو.)

هاڻي اهو سنڌي نوجوانن – مردن توڙي زائفائن – تي ڇڏيل آهي ته هو، ستن فنن مان ڪنهن هڪ کي ذريعو بڻائي، سوچي سمجهي، شعوري طرح، بدحال، وهمن وسوڙيل ۽ جهالت جي قيد خاني جي باندين آڏو نه رڳو سنڌ جي ماضي کي چٽو ڪن، پر ساڳئي وقت ”نئين سنڌ“ جي نقشگيري ڪن.

رڳو سنڌ جي ماضي کي محفوظ ڪرڻ ڪافي ڪونهي. اها سرگرمي آرڪيالاجي سڏجي ٿي. ۽ پڻ حال جي سار سنڀال به ڪافي ڪانهي – جنهن ڪرت کي ٽيڪنيڪي اصطلاح ۾ ڪنزرويشن بمعنیٰ حفاظت ڪوٺجي ٿو. اهو تمام ضروري آهي ته اڄ کان ئي سنڌ جي مستقبل تي سوچڻ گهرجي – اڄ کان پوءِ ويهن سالن جي سنڌ تي؛ سو سالن کان پوءِ واري سنڌ تي؛ پنج صديون پوءِ واري سنڌ تي – اهو ئي تخليق جو ڪارج آهي.

اکيوٽ يا ڪوتاهه نظريءَ نه پر وسيع النظريءَ اڄ جي عظيم گهرج آهي.

راڻي الزبيت– I کي پنهنجي پوڙهن ۽ سياڻن مشيرن اها صلاح ڏني ته مابدولت راڻيءَ کي گهرجي ته جبرالٽر جا ويران ٽڪر، مالٽا جو ٻيٽ، گڊ هوپ واري راس، بمبئي جو ٻيٽ، سنگاپور وارو پوسلي بندر، هانگ ڪانگ وارو پهاڙي ٻيٽ، پنهنجي سلطنت جي گهيري ۾ آڻي ۽ باقي ڪجهه ڀي دنيا لاءِ ڇڏي ڏي.

هڪ سو سالن کان پوءِ اهي ماڳ انگريز سامراج جا بنياد ثابت ٿيا.

۽ ائين سنڌي نوجوانن کي اينده وقت لاءِ سوچڻو پوندو ۽ ڪين پاڻ کان پڇڻو پوندو ته انهن کي نئين سنڌ جي اڏاوت جاگيردارانه ، صنعتي ۽ قبائلي بنيادن مان ڪهڙي بنياد تي ڪرڻي آهي؟

ان سوال جي جواب ۾ ئي سنڌو ماتا جي سرهائي سمايل آهي.

(سنڌ ڪواٽرلي تان ورتل)

# سنڌي ڪلچر جي شعوري واڌ ويجهه - سنڌي نوجوانن جو فرض ۽ دانشورن کي چتاءُ

”نئين سنڌ“ جو تصور نرو تصور ئي رهندو، جيستائين اُن ۾ روشن حقيقتن کي مجيندي اهڙا قدم نه ٿا کنيا وڃن، جهڙا نالي ماتر سنڌي دانشورن جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو پئي ويو يا جڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌين کي اُن جا جت پئي ڪوٺيو ويو هو، تڏهن پنهنجي عمل جو يا سرگرميءَ جو حصو ڏاهيا هُئا.

سنڌين جي موٽ پاڻيءَ جي ڳجي نه هُئي، پر ڪلچري ۽ دانشورانه هُئي. جهڙي نموني گوکلي پونا ۾ خادمين هند سيا جو قيام وڌو ته جيئن هندستان جي ڪلچري، سماجي ۽ سياسي طور خدمت ڪري سگهجي، اهڙي ئي نموني، پوءِ محدود مقصد هوندي ۽ ننڍي پيماني تي سهي، ان وقت سنڌ ۾ ڪوششون ٿيون. ڊاڪٽر دائود پوٽي جهڙن عالمن پنهنجي مات ميٺ وارين سرگرمين مان ثابت ڪيو ته اهي گهٽ ڪين آهن.

هڪ اهڙو به دور آيو جو رڳو سنڌ جو نالو وٺڻ به حرام ٿيو. اگر ڪنهن خط جي لفافي تي سنڌ لکيو ٿي ويو ته اهو خط واسطيدارن تائين پهچو ٿي. اهڙي دور اندر گوڙ گهمسان ڪان پاسيرو ٿي، سنڌين ان نانءُ کي پنهنجي سچائپ جي مهر بنايو. ان وقت جي حوالي سان اها ڪا وڏي حاصلات نه هئي پر پوءِ به ان اذتيناڪ للڪار کي چڱي موٽ هئي.

اها موٽ قياسي نه پر عملي موٽ هئي. نه ئي اها جوشيلي يا جذباتي هئي، پر اها مستقل ۽ دانشورانه موٽ هئي. اها صابڻ جي ڳجي يا ڦوڪٽي جيان نه هئي، پر انساني عقل جي صورت هئي.

ان وقت کان وٺي، ڪافي تخليقڪارن، خاص ڪري ڪهاڻيڪارن ڪافي حد تائين پنهنجي لکيتن ۾ سنڌ جي تهذيبي صورت کي نروار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اها سنڌ جي محدود پيماني واري نشاط ثانيه يا نئين

جاڳرتا هئي. بهرحال اهو صاف واضح ڪجي ته جيستائين سنڌ ۾ وچولو طبقو مناسب مقدار ۽ ڪيفيت ۾ نه آهي، تيستائين سنڌي ڪلچر کي جياري ۽ اڀاري نٿو سگهجي.

هاڻوڪي سنڌ اندر وچولي طبقي جي کوٽ جو هڪ سبب سنڌي مسلمانن ۾ موجود مقدر پرستي آهي. جيستائين ان کي سوچي سمجهي يا شعوري طرح ختم نٿو ڪجي، اوسيتائين سنڌي سماج نيل ۽ مرضيل رهندو.

ڪنهن به آزاد سماج ۾ مظبوط ۽ منظم وچولي جي غير موجودگي ائين آهي، جيئن ڪنهن انساني جسم ۾ ٽنگون، ٻانهون ۽ مٿو هجي، پر ڌڙ ۽ ڪرنگهي جو هڏو نه هجي. ورهاڱي کان اڳ، سنڌي هندو، ڌڙ ۽ ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪارج ادا ڪندا هيا.

هاڻ نه رڳو اشعور کي شعور ۾ منتقل ڪرڻو آهي. پر ساڳئي وقت تاريخ جي شاگردن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن سان گڏ اقتصاديات ۽ سماجيات جي شاگردن کي وچولي طبقي کي سگهاري بنائڻ لاءِ رٿا رٿڻي آهي، ڇو ته بغير ڪنهن طاقتور وچولي طبقي جي، ڪوبه سماج هن آزاد دنيا ۾ ٿلهو ٻيهي به نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته ڪرنگهي وارو هڏو ته موجود نه هوندو، باقي مٿو ۽ ٽنگون ڪافي ڪونه آهن.

برطانيه جي تاريخ (جا اڄ به آزادي ڪانپوءِ به، هندستان ۾ خاص ڪري ان لاءِ پڙهائي ٿي وڃي جو ان ۾ مستحڪم سياسي جمهوريت جي ارتقا جو مرحلي وار احوال ڏنل آهي) پڙهڻ مان پتو پوي ٿو ته ڪيئن نه هيءُ ننڍڙو انگلستان، وچولي طبقي جي طاقت جي زور تي عظيم برطانيه بڻيو.

اميرن ۽ غريب هارين وچ ۾ هلندڙ جهيڙن ۽ جهٽن جڏهن گلن جي جنگ جي صورت ورتي، تڏهن انهن اميرن جا خزانا ختم ٿي ويا پر سندن توبخانا پريل رهيا.

هينري ستين گادي نشين ٿيندي ئي اميرن کان توبخاني رکڻ وارو حق کسي ورتو ۽ انهن به اهو ڄاتو ته بغير خزاني جي توبخانو به ڪا چڱي وٿ

ڪانهي. ۽ پوءِ هينري ستين، رٽا تحت ريڙهيون پائينڊڙ وچولي طبقي ۽ وڻجارن کي مظبوط ڪرڻ شروع ڪيو. ڪانئس پوءِ گهٽيون شاديون ڪندڙ هينري اٺين پاڻ کي سدا سجيل سهاڳ جي سيج تائين محدود نه رکيو پر هر ممڪن ڪوشش وٺي انگليند جي وچولي طبقي جي شعوري اڏاوت جاري رکي. ايتري تائين جو هن باقي يورپ سان انگليند جي روحاني رابطي کي ٽوڙي وڌو ته جيئن آزادانه نموني ۾ اقتصادي اوسر ٿي سگهي. سنڌس ڌيءَ راڻي ايلزبيٿ – I ته پنهنجي پيءُ ڪان به رتيون وڌيڪ ثابت ٿي. هوءَ بستري تي ته ڪڏهن به اڪيلي نه ستي. پر تخت تي ٻي جي شراڪت نه قبوليائين. جن درٻارين بستري ۾ تخت جي حد بندين کي نه چاتو، سي مت موڙهيا قيدخاني ڏي راهي ٿيا. تخت جي سرگرمي اها هئي ته بدحال ۽ پوڙهن صلاحڪارن جي دانشمندانه سفارش تي جبرالٽر، گڊهوپ واري راس، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ تي قبضو ڪري ڦهلجندڙ انگريز سلطنت جو بنياد واپار ۽ ڪامرس جي ٿنڀن تي وڌو ويو. اهڙي صورتحال ڏسي نيپولين اڪثر ڪرڪندو هو ته "اها دڪاندارن جي قوم انگريز." ياد رهي ته انهيءَ قوم کيس سينٽ هيلنا اُماٽيو هو، جتي سندس زندگيءَ جون آخري گهڙيون گذريون.

نه رڳو شاعر، ڪهاڻيڪار بلڪ گهڻو ڪري دڪاندار ئي سماج جو ڪرنگهو هڏو هوندا آهن. جيئن آزاد دنيا سماجن ۾ پرکي سگهي ٿو.

ٻي مها ياري لڙائي دوران ايران ۾ وچولو طبقو نه هئڻ جي برابر هو. انهيءَ حوالي سان ونسٽن چرچل، اُتان جي حالتن کي چئن لفظن "خوشحال تهران – بدحال ايران" ۾ چٽيو هو.

هو اهڙي راءِ جو اظهار سنڌ متعلق ڪري پئي سگهيو، پر ان وقت سنڌ اندر هڪ مظبوط وچولو طبقو موجود هو، جيڪو هاٽي ڪلچرل سنڌ اندر ٿنو ملي. جيستائين ڪلچرل سنڌ، وچولي طبقي جي شعوري اڏاوت جي مطلق گهرج جي شعور کان وانجهيل رهندي، اوسيتائين اتان جو سماج بغير ڏڙ وارو رهندو. سنڌ جي اصل ڪلچر يعني موهن جي ڏڙي واري سنڌ تي

هڪ نظر وجهڻ سان اهو پڌرو ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڪلچر جو بنياد واپار ۽ ڪامرس تي پيو آهي، نڪي يڪتاري يا دهل تي. پراچين سنڌ جا وڻجارا ۽ سياح ايترا ته چاتل سڃاتل هئا، جو هڪ هزار هڪ راتين واري ڏند ڪٿا جو سياح به سنڌ باد سيلاني سڏيو ويو.

اسان کي موهن جي دڙي جي زوال کان وٺي سڪندر اعظم جي ڪاهن تائين واري دور واري سنڌ جي حقيقي سماجي، ڪلچري ۽ سياسي زندگي جي عملي ڄاڻ تمام گهٽ آهي. البت سڪندر اعظم جي درٻاري تاريخدانن هن خوشحال سرزمين جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. پو پوءِ به موهن جي دڙي ۽ هڙپا جهڙا واپاري مرڪز موجود ڪين هُئا.

اها سنڌ جي بدقسمتي هئي جا هوءَ خوشحال ته ضرور هئي پر ويڙهاڪ بنهه نه هئي. ۽ اها ئي خوشحالي، موهن جي دڙي جي تباهيءَ جو اهم ڪارڻ بڻي.

سنڌ جي تاريخ جو هڪ دکدائڪ باب اهو آهي ته سنڌ وري به سماجي طور پنتي موٽ ڪاڌي آهي. يعني وڻجارن يا واپارين واري برادري وري واپس جاگيردرانه طوق ۾ سوگهي ٿي آهي. يوناني عظمت جا اپهرا معتقد اهو وساري وهندا آهن ته اُتان جا ڏاها سقراط، افلاطون يوريپيدس ۽ ٻيا ڏاهپ ڏٽي، سنگ تراش، ديومالا جا معمار ۽ ٻين عجوبن جا سرجڻهار بي پاڙي گلدستي جو حصو نه هئا، پر گريڪ وڻجارڪي سماج ۾ ٽڙيل گل هئا. اهي ڏندين آگريون ڏيندڙ عالم جيڪر مڪڻ هئا ته پوءِ گريڪ يا يونان وڻجارڪو سماج کير مثل هو، جو ته پاڻي ولڙڻ سان مکڻ نه ٿهندو آهي.

انهيءَ حوالي سان ڪلچر جو ڪو به شاگرد، ڪلچر کي فائين آرٽس (= فنون لطيفه)، زبان ۽ ويچارن تائين محدود نٿو ڪري سگهي. هن کي ان سٽاءَ ۾ گروهي ۽ سماجي سر گرمي کي به شامل ڪرڻو پوندو آهي. ڪنهن به وڌندڙ ڪلچر جي اپياس لاءِ صنعت ۽ ڪامرس، جن جي ڪري دولت پيدا ٿئي ٿي. ۽ ان دولت جي آذار تي فن جا مختلف نمونا وڌن ويجهن ٿا، مک موضوع هوندا آهن. سياڻي جي سنڌ جا هوندي ۽ ان جا سگهارا اثر

ڪهڙا هوندا؟ انهن ويچارن کي خودمختيار نون توڙي پراڻن سنڌين جي گروهن کي هر سرگرميءَ جو متو بنائڻو آهي. مثال طور آمريڪا ۽ انگلينڊ جيان هندستان ۾ به ”حڪمت عملين جو اِيياسي ادارو Institute of Strategic Studies قائم آهي. ساڳي طرح اُتي بيا به ڪيترائي خودمختيار اِيياسي ادارا جهڙوڪ خادمين هندستان سيا، عمل جي ميدان ۾ آهن، جن ۾ اهي اسڪالر ۽ عالم ڪم ڪري رهيا آهن، جن پنهنجي زندگي ”سياڻي جي هندستان“ کي سرجڻ لاءِ اربي ڇڏي آهي. پر اسان اهڙن ادارن جي موجودگي ۽ اهميت کان اياڻا بنيا پيا ڦرون. اسان جو سماج ٽيگريل ۽ ڇامڙن دانشورن جي قبضي ۾ آهي.

سنڌيالاجي اداري مان گهڻي ڪجهه جي توقع هئي پر قصو انهيءَ چوٽيءَ جي مصداق آهي ته ڪوٽيوسين پهاڙ پر نڪتو ڪوئو. ٿلهو ساڳين موسيقارن جي ساڳي موسيقي محفوظ ڪرڻ يا ڪجهه قديم ۽ تاريخي شين کي ڪٺو ڪرڻ کي سنڌي ڪلچر جي شعوري ۽ پرجوش اِيياس سان پرميچي ٿتو سگهجي.

انهيءَ جمود جو هڪ سبب اهو به آهي ته اهڙا ادارا وڏن درسگاهن Universities جي تابع هوندا آهن، جتي جي سربراهه جي تقرري سياسي بنيادن تي ٿيندي آهي، ۽ اقتداري واڳون غير عملي هٿن ۾ هونديون آهن. انهيءَ ڪري ڪنهن وائيس چانسلر جو خاص ڪم ٿاٽيدار جهڙو هوندو آهي، ۽ يونيورسٽيون، غير عملي ڏڌن جي باهمي جهيڙن جو ميدان بنيل هونديون آهن. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ خادمين هند سيا جهڙا ادارا ئي خودمختيار ۽ علميت سان لاڳاپيل هوندا آهن.

توري دير لاءِ آڪسفرڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين جهڙن خودمختيار ادارن جي سرگرمين کي نظر ۾ رکو ۽ اُتي قائم رويل سوسائٽين Royal Societies جهڙوڪ Royal Society of Science يا Royal Society of Arts کي جانچيو. ڇا اهي جڳ پرسڌ ادارا به، جيڪي برطانيه جي عظمت جي واڌو ويجهه لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، ڪنهن غير علمي هٿن جي قبضي ۾ آهن؟

سنڌ جي مستقبل لاءِ ويچاريندڙ گروهن جي جوڙجڪ جو دارومدار سنڌين جي سنڌ واسطي پيار ۽ اپنا تي آهي. اهڙن گروهن جو وڌو هئڻ ضروري آهي. گهٽو ڪري سنڌ جي هر شهر ۽ هر واهڻ ۾ به ڪن اهڙا به ماڻهو ملندا، جن سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل کي پاڻ اڳي چڱيو آهي. اهو ضرور آهي ته اهي مڙئي هڪ جهڙا باخبر نه هوندا. پر مسئلو اهو نه آهي. اهو ڪافي آهي ته سندن من ۾ وطني محبت جو درياءُ موجزن هجي. انهيءَ ڪري انهن جي سرگرمي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ وڏ پگهاري پروفيسر کان به وڌيڪ هوندي.

سواءِ ڪن ٽن چئن جي، باقي پروفيسر ۽ محقق اڄ ڪلهه صرف بغير ناغي پگهار وٺڻ واري ڊيوٽي سرانجام ڏين ٿا. ميون کي ڪائيندڙ ڪيئن جيان هي حضرت، يونيورسٽين ادارن، بورڊن جو رت پي رهيا آهن. انهن ۾ سياڻي جي سنڌ متعلق ويچارڻ ۽ سرگرم رهڻ جي اميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي.

دنيا جي سماجن ۾ قائم يونيورسٽين ۽ سکيا گهرن جا پروفيسر خاص ڪري هڪ ڳالهه جو روئڻو روئندا آهن: فن جو ڦهلاءُ وسيع ۽ وقت بيحد تنگ آهي. هتان جي صورتحال وري ان جي ابتڙ آهي. يونيورسٽين ۾ وڳوڙن جي ڪري جا بيڪاري ۽ واندڪائي پروفيسرن کي پلئہ پوندي آهي، تنهن کي غنيمت ڄاڻي اهي ڪافي ساري تحقيق ڪري پيا سگهن.

ايتري ساري بيڪار وقت جي درست واهپي سان سنڌ ۽ دنيا جي عليمت ۾ حصيدار بڻجي سگهجي ٿو. پر ذميواري جي احساس کان عاري ڪو چڱو ڪم ڪري سگهندو؟ تنهن ڪري اهڙن اونداهن گهرن مان، جت بي حس رت پياڪ پريا پيا هجن، روشنيءَ جي اميد بي سود آهي. سياڻي جي سنڌ جو دارو مدار، خادمين سنڌ جهڙوڪ انجنيئر ايم ايچ پنهور جهڙن تي آهي. پنهور صاحب پنهنجي ڪرت ۽ سر گرميءَ جي حوالي سان سنڌيالاجي جهڙن ذهن ادارن برابر آهي. ماضيءَ ۾ به اهڙا وطن پرست

جهڙوڪ ديوان گدومل، ديوان وطن مل لالواڻي ۽ مرزا قليچ بيگ موجود رهيا آهن.

سنڌ ۾ قائم خانگي ڪتب خانہ انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا تہ سنڌ اندر، جڏهن هندستان ۾ اڃان خادمين هند سيا نہ جڙيا هُئا، تڏهن بہ سنڌ جا خادم موجود هُئا. اهڙن خادمين سنڌ جي اڄ بہ سخت گهرج آهي. اهڙا خادمين وطن، وڏن بلدنگن، جيڪي ويران يا بيڪار عملي سان پريل هونديون آهن، جي تانگهه ۾ نہ آهن رهندا.

شاهہ پٺائيءَ جي زندگيءَ جو گهرو اپياس وطن پرستن جي رهنمائي ڪري ٿو. جڏهن سنڌ سياسي بدحالي جو شڪار هئي، تڏهن هن عظيم انسان پٽ ۾ اچي ديرو ڄمايو ۽ نئين سنڌ جي تصويرگري يا نقش نگاري ڪيائين. سنڌ جي مختلف حصن مان ڪردار چوندي، انهن سوني ڌاڳن کي تاڃي پيٽو بنائي، سنڌ جي ڪلچر جي اٽت ڪري عاليشان غاليچو بنايو، جيڪو سنڌي ڪلچر جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. سندس انهيءَ ڌاهپ پري سرگرميءَ مان نہ صرف سنڌ پر ٻي انسانذات پڻ فيضياب ٿي آهي. پنهنجي ڌرتي ماتا جي خدمت وسيلي ئي ڪوئي ڪائناتي شعوريت جو معراج ماڻي سگهي ٿو. هن ليکڪ جي محدود معلومات مطابق، پيو ڪو بہ اهڙو مسلمان شاعر نٿو ملي، جنهن اهڙي انداز ۾ پنهنجي وطن جي عظمت کي ڳايو هجي ۽ گڏو گڏ باقي عالم جي سڪار لاءِ بہ دعا گهري هجي.

ورهاڱي ڪان پوءِ جيڪي نوان سنڌي پيدا ٿيا، تن مان ڪافي جهان ڇڏي چڪا آهن تہ ڪي وري تيارين ۾ آهن. البت جي ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌ ۾ ڄاوا آهن، تن جو اهو فرض آهي تہ سنڌ کي ڌرتي ماءُ ڪري سمجهن. ڪين ڪٽي جا بہ نصيب ٿيو هجي پر انهن پنهنجو چهرو وڃايو آهي تہ پنهنجي آبرو بہ - چهري تي عزت جا ماڪ ڦڙا (آبرو = آب + رو = چهري جو پاڻي)

انهن جي خدمت عالي ۾ مظهر يوسف هڪ نظم بعنوان "بغير چهرن وارو هجوم" لکيو آهي. ان جو هرگز اهو بہ مطلب ناهي تہ سنڌ جي غدارن

پيدا ڪرڻ ۾ ڪابہ حصيداري نہ رهي آهي. هتي تہ ڪو وقت غدارن جي ئي گهٽائي رهي آهي.

سنڌ جي فتح واري داستان ۾ غدارن جون عمرون، رنگ روپ ۽ پيو لاڳاپيل تفصيل چڱي پر ملي ٿو. اهو تہ ٺهيو پر ورهاڱي کان پوءِ وري سنڌ جي تاريخ بہ يسوع_يهودا جي سر گرمين سان پري پئي آهي. بهرحال جيڪر هر جاءِ ٺلهو پہ فرد بہ سنڌ سان اريپل هجن، تڏهن بہ يسوع جيان سنڌ جي اها وائي هوندي تہ ”جيڪر ڪي پہ پلمانس مون بابت ويچاريندا هوندا تہ ٿيون آئون سائن گڏ هوندس“.

سو، اونداهيءَ کي پٽ پارائتو ڏيڻ يا گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان بهتر ڪم اهو هوندو تہ شمع ڪٽي جلائجي.

شاعر اصغر گونڊوي جي لفظن ۾ :

”جهان دو بوتلين رکدي وهي ميخانہ هوتا هي“

اهڙي نموني جو هڪ فارسي شعر آهي تہ:

يڪ نالائي مستانہ زاجسي نا شايدائم

ويرار شواد آل نشهر ڪي ميخانہ نا درد

(سنڌ ڪوارٽرلي واليم x، سال 1982 نمبير 2)

## قرارداد پاڪستان - خودمختيار ۽ آزاد رياستن وارو ملڪ

23 مارچ 1940ع واري مسلم ليگي ٺهراءُ، جيڪو اڄ ڪلهه قرارداد پاڪستان طور ڄاتو وڃي ٿو، جو لڪندڙ لڳي ٿو ته يا ته آئيني قانون سان لاڳاپيل اصطلاحن کان صفا اڻ واقف هو، يا ان ٻولي جو ڪو زيرڪ ۽ زبردست ماهر هو. قرارداد جي اڀياس بعد اهو لڳي ٿو ته ”هيئن يا هوئنن“ واري پٽڪائيندڙ راهه ڏي رمڻ جو ڪو رستو ئي ڪونهي. اهو ائين ته هن جي مستقبل جي پاڪستان مان مراد هڪ اڪيلو ملڪ آهي، ته پوءِ ان قرارداد ۾ خودمختيار Sovereign ۽ آزاد يا اڻ آڌاريل Independent رياستن جو خاص ذڪر ڪهڙي ليکي ٿيو آهي.

خود مختياري جي ڇا معنيٰ آهي؟ آزادي يا اڻ آڌارئپ مان ڪهڙي مراد آهي؟

اهو ڪهڙو عظيم مفڪر، فلسفي ۽ سياستڪار آهي، جيڪو ان نتيجي تي نه پهتو هجي ته خود مختياري توڙي آزادي جي معنيٰ آهي ته ڪنهن آزاد يا اڻ آڌاريل ۽ خود مختيار رياست جو اهو مطلق حق، جنهن تحت وٽيس ته اها جنگ جوٽي، يا امن جو ٺاهه ڪري، يا پنهنجي علائقي ۽ حدن: جن کي هو پنهنجو سمجهي ٿي، جو هر طرح سان بچاءُ ڪري.

اگر انهيءَ ڳالهه کي قبولجي ته پوءِ قرارداد پاڪستان ۾ ڪهڙي جاءِ تي اهو ذڪر آهي ته هندستان جي ٻنهي ڇيڙن تي موجود پاڪستان جي مستقبل جو رياستون، پاڪستان جا حصا Parts آهن؟ ڇا پاڪستان جي هر خودمختيار ۽ آزاد رياست کي اهو حق حاصل آهي ته اها پنهنجي خودمختياري ۽ آزاديءَ جو استعمال، عين خودمختياري ۽ آزادي جي گهرجن پٽاندڙ ڪري؟ جي نه ته پوءِ قرارداد جو ڪهڙو مقصد آهي؟

ڇا ائين به ٿي سگهي ٿو ته اهڙو اهم ترين ٺهراءُ، جنهن جي آڌار تي گڏيل هندستان جي مسلمانن جي لاءِ علحده وطن واري جدوجهد کي

هلائڻو هو، سو ائين ئي هوائي نموني تڪڙ ۾ لکيو. پيش ڪيو ۽ ويچاريو ۽ پوءِ اڪثريت سان منظور ڪيو ويو هوندو؟ بغير ڪنهن انهيءَ ڳڻ ڳوت جي ته ان جي مواد مان اڳتي ڪهڙا نتيجا نروار ٿيندا - جڏهن ان ٺهراءَ کي سياسي ميدان ۾ عملي صورت ڏني ويندي؟ ۽ اهو به تڏهن، جڏهن ان ۾ ڪم آيل هر هڪ لفظ، ڪاما، فل اسٽاپ وڏي معنىٰ رکندڙ هجي.

لاشڪ هيءُ ٺهراءُ يا قرارداد وڏي اهميت جو حامل آهي. جيڪڏهن علائقائي وابستگي ۽ داخلي اثرات جي شڪار ٿيڻ جي الزام کان بچڻ لاءِ ڪنهن پرديسي قانوني ماهر کي انهيءَ قرارداد جي وضاحت ۽ تشريح لاءِ تڪليف ڏني وڃي ته هُو اهوئي ٻڌائيندو ته هن ۾ ڪنهن هڪ قوم جو نه پر گهڻن، انفرادي طور آزاد ۽ خود مختيار قومن جو ذڪر آهي، جيڪي ڪامن ويلٿ وانگيان گڏجڻ لاءِ خواهان آهن. چو ته هيءُ ٺهراءُ، فيڊريشن ته پري جي ڳالهه ٿي، پر ڪنفيڊريشن يا خودمختيار ۽ آزاد رياستن واري هڪ قوم جي ضرورت کان به وڌيڪ جو ذڪر ٿو ڪري. اهو رڳو ڪامن ويلٿ جهڙي بندوبست ۾ ممڪن آهي ته ان جا رڪن آزاد ۽ خودمختيار هجڻ سان، پاڻ ۾ ڪنهن ڍلي ميڙاڪي جي صورت ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. تنهن کان پوءِ هنن علائقن ۾ جهڙي نموني جي صورتحال آهي، انهيءَ حساب سان هتي ڪامن ويلٿ يا يوروپين اڪانامڪ ڪميونٽي European Economic Community جهڙو بندوبست سوپارو ٿيندو، نڪي وفاق يا ڪنفيڊريشن. انهيءَ نظام تحت ئي خودمختيار ۽ آزاد رياستون پاڻ ۾ گڏجي ڪامن ويلٿ آف پاڪستان جي صورت اختياري سگهن ٿيون.

ائين، پاڪستان جو تشخص ۽ سڃاڻپ، يورپ جي تشخص جيان، قائم رهي سگهندي.

سنڌ جو خزانو سنڌ جي هٿن ۾ رهندو، پنجاب جي ملڪيت جا وارث پنجابي رهندا، وغيره. انهيءَ ڪري اڳتي هڪ رياست ٻاران ٻئي جو استحصال ڪرڻ وارو الزام پيدا نه ٿي سگهندو .جو ته انهيءَ لاءِ اهڙو موقعو ئي ميسر نه ٿيندو. پاڪستاني ڪامن ويلٿ جا رڪن، پنهنجي خزاني ۽

وسيلن جا پاڻ ئي مالڪ بنجي، پنهنجي طريقي ۽ ذهني ڍنگ سان ترقي ڪرڻ لڳندا.

ڪٿي گهڙي لاءِ اهو تصور ڪريو ته سنڌ جي هڙئي دولت، ايئر پورٽ ۽ ساموندي بندر توڙي آبپاشي وارو وسيع نظام سندس مڪمل اختيار ۽ تصرف ۾ آهي ۽ هو جيئن چاهي ائين خرچ ڪرڻ تي لڳي. ته پوءِ چا اها چند سالن اندر مڙني ماڊرن يورپي رياستن، اٽلي ۽ جرمني جيان مالامال ۽ خوشحال ۽ ترقي يافته نه ٿيندي؟

لاشڪ ٻه سو سال اڳ، جڏهن سنڌ هڪ جاگيردارانه رياست هُئي، تڏهن يورپ جون گهڻيون ماڊرن رياستون به انهيءَ نظام هيٺ ڊپيل هُيون. ماڊرن بنجڻ وارو لقاءُ تمام ويجهي دور جي پيدائش آهي، ۽ صنعتي انقلاب جو سڌو پاڌو نتيجو آهي. جيڪو به ملڪ انهيءَ انقلاب مان مستفيض ٿيڻ واسطي آزاد، اڻ ڏريل ۽ خودمختيار هو، سو ”ماڊرن“ بنجي ويو. جاپان – مشرقي ملڪن جو انوکو نمونو، ۽ ٻن هزار سالن تائين شهنشاهيت جي پوچا جي بنياد تي ڪڙي ٿيل اڻ ٽٽ جاگيرداريت ۾ پوريءَ طرح گتل ۽ ڊپيل – يورپ کان اُڌاريل صنعتڪاري بعد جلدي ايڏي صنعتي طاقت ٻڻيو، جو پنجاهه سالن جي عرصي ۾ ئي 1904ع ڌاري ديوقامت روس کي شڪست ڏنائين. اهو ڊينڊڙو جاپان ائين انڪري ڪري سگهيو، جو هو ائين ڪرڻ لاءِ مڪمل آزاد خودمختيار هو. جيڪر آمريڪا جيان ڪي اقتصادي خيرات واري نظام جي طوق ۾ سوگهو جهلي ها، جيئن انگلنڊ هتان جي ڪافي شاهي رياستن جي شهزادن سان ڪيو، ته پوءِ چا جاپان، پنهنجي انهيءَ ٻه هزار سالا شهنشاهه جي اطاعت جي سهاري، شهنشاهه جي هڪ ئي حڪم ته ’جپان کي صنعتي ملڪ بنايو‘ کي اکيون پوري عملي صورت ڏيڻ جو اهل هجي ها؟

ڪامن ويلٿ منجهه خودمختياري، قومن وچ ۾ گڏيل سهڪار جي ڦل کي وڌائي ٿي؛ منجهن هڪ جهڙائي جو احساس پيدا ڪري ٿي – جيئن قومن جي برطانوي ڪامن ويلٿ مان اُپڙجي ٿو. ڪامن ويلٿ جوڙيندڙ

مادرن ۽ صنعتي رياستن جو نہ رڳو اقتدار بلڪ هميشہ وڌندڙ دولت ۽ پونجي سندن ئي پنهنجي هٿن ۾ رهي ٿي. نيپولن جي شهنشاهيت ۾ شامل يورپ ۽ هاڻوڪي مادرن يورپ ڪي پاڻ ۾ ييتي ڏسو: ٻي مها ياري لڙائيءَ جي زبردست اثراندازيءَ توڙي ڪيترن المين ۽ گهوٽالن جي باوجود اُهي اڄ بہ خودمختيار ۽ آزاد رياستون آهن ۽ ڪنهن پر بہ اُهي پاڻ ڪي روسي رياست جهڙي حيثيت ڏيارڻ نہ گهرنديون.

انگريزن پاران هندستان ڪي مغل هندستان جيان پنهنجي جهنڊي هيٺ آڻڻ لاءِ ورتل ڪوششون، انهيءَ ڪري بہ ثاب نہ ٿيون، جو ڪيتريون رياستون مغل سلطنت جي جهرڻ سان خودمختيار ۽ آزاد قومن جي حيثيت ماڻي چڪيون هيون ۽ پنهنجي قومي تشخص جي حوالي سان سياسي طرح متحرڪ ٿيڻجي ويون هيون.

انهن مان گهڻين قومن ڪي پنهنجا علحده علائقا ۽ حدون، ٻوليون ۽ تهذيبون ۽ وڏي ڳالهہ تہ پاڻ ۾ انهن تفاوتنۦ خصوصيتن جي آڌار تي جوٽيل لڳاتار جنگين جي تاريخ حاصل آهي.

پنهنجي سر مغل سلطنت جي ٽوڙ ڦوڙ وارو ٻي شڪل ۽ ٻي جوڙ نمونو بہ انهيءَ ڳالهہ ڪي واضح ٿو ڪري تہ ڪٽي نظام جي علائقن توڙي ٿوري وقت لاءِ قائم ٿيل مرهٽا سلطنت اندر مختلف قوميتون اچي ڳاهٽ ٿيون هيون، پر پوءِ بہ سنڌ، پنجاب، بنگال، ڪرناٽڪ، تامل لينڊ ۽ ٻين اهڙن ايراضين - جي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ تاريخ سان سچيون ۽ پنهنجي علحده تشخص جي شعور سان هٿيار بند هيون - جو اپار خاص طرح جو ۽ اهم ترين هو.

انهن جي انهيءَ جدا گانہ تشخص يا انفرادي مخصوصيت ڪي انگريز پنهنجي مقصدن لاءِ پڻ استعماليو - سنڌن وچ ۾ سڪ جو ڪوبہ ناتو باقي نہ رهيو هو. انگريزن بنگال ڪي مدراسي فوج جي مدد سان فتح ڪيو، يوپي [ اتر پر ديش] تي قبضي لاءِ بنگال فوج مددگار ثابت ٿي، بلووي يا

جنگ آزادي کي گهُٽڻ لاءِ پنجاب ۽ حيدرآباد دکن جي فوجن جي سهائتا ڪم آئي، سنڌ کي بمبئي فوج جي مدد سان فتح ڪيو ويو وغيره وغيره.

برطانوي سلطنت ۾ شامل بينڪن کي پاڻ ۾ جنگ ۾ نہ ڪرڻ يا پي جنگ ۾ شرڪت نہ ڪرڻ واري حڪمنامي توڙي انگريز وڻجارڪن (Mercantile) مفادن ۽ ننڍي کنڊ جي بين قومن ۽ قوميتن جي وڻجارڪن مفادن وچ ۾ قائم سنگ ۽ اشتراڪ جي آڌار تي مختلف فوجي ۽ انتظامي طبقن کي مطيع بنائي مختلف قومن ۽ قوميتن جو اهڙو حال بنايو ويو، جو اهي باوجود انهيءَ حقيقت جي تہ چند پيڙهيون اڳ فوجي لحاظ کان تمام متحرڪ هيون، پنهنجي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ اپرنڌ ترٽپ کان محروم تي ويون - ايتري تائين جو تاريخ جي فخر کان بہ محروم ٿي ويون.

انهيءَ هوندي بہ منجهن موجود ڪرداري ۽ انفرادي خصلتون نهوڙجي ۽ متجي نہ سگهيون، ۽ نہ ئي انهن جون زبانون ۽ پوليون دزجي سگهيون. پاڻ انهن کي هينئر اهڙي مهميز - چا پخاني جي قيام سان - ملي جيڪا اڳي حاصل ٿي نہ سگهي هُئي.

پوءِ بہ جڏهن انگريزن هتان پڌاريو، تڏهن انهن هتي نہ صرف، بين بينڪي ۽ سامراجي قوتن جي پيٺ ۾ وڏيڪ بهتر ترقي ۽ انتظاميہ جو نظام ڇڏيو، پر انهن پن ورهايل علائقن ۾ وڏيڪ ڪنهن ورهاست لاءِ ڪروڌ يا ناخوشگوار احساس بہ ماڻهن جي من ۾ ڇڏيو.

انهيءَ احساس جو اهو ڪرشمو هو، جو لياقت نهرو پيڪٽ جوڙيو ويو، جنهن جي ذريعي انهيءَ ڳالهہ تي راضپو ڏيکاريو ويو تہ هن بعد پنهي ملڪن ۾ وڏيڪ ورهاست واري رحجان کي نہ همٿائبو. ائين هندستان ۽ پاڪستان کي دهلي ۽ ڪراچي جيان هڪ محور جي پنهي ڇيڙن تي جهلي بيهارڻو هو. پر تاريخ ۽ تهذيب جي مختلف ڇڪن، جيڪي پاڪستان جي نسبت ۾ ڪافي سگهاريون ثابت ٿيون، جي مهابي 1972ع ڌاري ٻہ قومون يعني هندستان ۽ پاڪستان ڦري ٽي قومون يعني هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش ٻڌجي ويون.

هوڏانهن هندستان ۾ دراوڙستان، آزاد آسام، ناگالنيڊ ۽ ويجهڙ ۾ سکستان لاءِ لڳندڙ نعرن ۽ وڏن عوامي ميڙن ۾ باربار هندستاني جهنڊو نذر آتش ڪرڻ واري عمل کي معمولي معاملو نٿو قرار ڏئي سگهجي. جيتوڻيڪ هندستاني آئين ۾ بين ڳالهين سان گڏ اهو نقطو شامل آهي ته هر آئيني رياست مرڪزي ڏيان ۽ پرگهور جي هڪ جيتري حقدار آهي.

پر مختلف ۽ تڪراري تاريخن جي نئين سر سجاڳيل قوتن توڙي اقتصادي خودمختياري جي موجن وارين يادن کي ڇا تو ڪري سگهجي؟

(سنڌ ڪوارٽرلي)

# گانڌيءَ جي طاقت جو راز

آئون *75 سالن جو اچي ٿيو آهيان. موت آيو ڪي آيو. دل پئي گهريم ته مهاتما گانڌيءَ جي سگهه جو راز – جيترو مون پروڙيو آهي – قلم جي گهيري ۾ آڻيان ته جيئن آئيندي جا اڳواڻ ان مان لاڀ پائي سگهن.

مهاتما گانڌي جي آفريقا ڇڏي هندستان وارد ٿيڻ کان به سوکن سال اڳ، سال 1818 ع ڌاري راجا رام موهن رائي، انگريز سرڪار کان اها گهر ڪئي هئي ته هندستان ۾ به حڪومتي طريقو ساڳيو ئي سندن پنهنجي ملڪ انگلنڊ جهڙو اپنايو وڃي – پر ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو.

سال 1900ع کان وٺي پين ڪيترن ناليوارن تقرير بازن جهڙوڪ سر فيروز شاهه مهتا، تلڪ، سڪلاتوالا ۽ گوکلي اها ساڳي گهر آوازيندا رهيا – پر ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو.

هنن صاحبن ڏاڍي نياز ۽ نوڙت سان انگريزن آڏو آزادي، آجپي جي نڪتن کي واضح ڪيو. پنهنجي ڪيس کي مضبوط بنائڻ لاءِ هنن شيڪسپيئر، ملٽن، برڪ، شيريڊن، جان استيوارٽ مل، بائرن، شيلي ۽ ڪيٽس جي لافاني ويچارن جا حوالا ڏنا. ۽ شايد اهو پهريون ڀيرو هو، جو انهن مصروف انگريز سياستڪارن کي، هندستاني ذريعن وٽان ئي اها آگاهي ملي ته انگلنڊ جي علمي خزاني ۾ آجپي، مساوات ۽ ڀائپيءَ جي موضوعن تي عاليشان ويچار موجود رهيا آهن، جن لاءِ سندن (انگريزن) جو وهم هو ته اُهي انقلابي فرانس – نڪي نيپولين واري فرانس – جي دين آهن.

انگريز صاحبلوڪ هندستاني عالمن جي انهيءَ سرگرميءَ تي سرها ٿيا، چو ته ان جي بدولت کين پنهنجي وطني ادب جا لازوال شهپارا واپس مليا – پر پوءِ به ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو.

ترت پوءِ گانڌي اڳيان اچي ٿو. گانڌيءَ کي نڪي شيڪسپيئر ۽ ملٽن جي ڪا وڏي ڄاڻ هُئي، ۽ نه ئي انگريز عالم برڪ جيان لفظ گيريءَ تي

دسترس حاصل هُئي. سندس انگريزيءَ جو دائرو ميٽرڪ واري سطح جيترو مس ٿيندو. بهرحال اهو ذخيرو سهٽن ۽ سيبتن لفظن تي مشتمل هو.

هن انگلنڊ کي انگلنڊ جي عظمت ياد ڏيارڻ تئي گهُري.

گانڌيءَ چاتو ٿي ته هندستاني عالمن، جيڪي مطالبا پئي پيش ڪيا آهن، سي عوامي مفادن سان ميل نٿا کائين. هن کي پليءَ پت پروڙ هئي ته هندستان جو اڻ پڙهيل عوام سال جا ذري گهٽ اٺ مهينا بيڪار رهڻ ڪري، ٻکن ۾ پاهه تي، زندگيءَ جا ڏينهن پيو ڪٽيندو هو. اهڙي اذيتناڪ ۽ ڪربناڪ حالتن ۾ بدحال ۽ خالي پيٽ عوام واسطي آزادي، آجپي ۽ لوڪراڄ جا ويچار ڪهڙي اهميت رکندا. انهن لاءِ ته بس ٻه پئسا ڏهاڙي ڪمائي وڏي ڳالهه هئي. ٻي ڳالهه سان هنن جو ڪهڙو سروڪار؟

گانڌيءَ سوچي سمجهي چرخو کنيو ۽ ڪپهه ڪتڻ ۾ جنبي ويو، ته جيئن کاڏيءَ جا ڪپڙا اڻي سگهجن، جيڪي ڏيساور مان گهرايل يا مقامي ڪارخانن ۾ تيار ٿيل ڪپڙي بدارن اوڊيا وڃن.

گانڌيءَ جي اها رٿا ڪن نامور اقتصادي ماهرن کي پسند نه آئي. هنن گانڌي کي سمجهايو ته چرخي تي ساندهه اٺ ڪلاڪ ڪم ڪندڙ رڳو ٻه يا ٽي آنا ڏهاڙي ڪمائي سگهندو، تنهن ڪري اها سرگرمي اقتصادي دائري ۾ اچي نه سگهندي. گانڌيءَ انهيءَ نڪتي نظر کي رد ڪندي واضح ڪيو ته 'جيڪي مرد توڙي مايون سال جا اٺ مهينا لڳاتار هڪ ٻه پئسو ڪمائي نه سگهندا آهن، ۽ ٻکن ۾ پيا پاهه ٿيندا آهن، تن لاءِ ٻه آنا ڏهاڙي ڪمائي ته بادشاهي برابر آهي. پوءِ اها ڳالهه ڪهڙيءَ پر غيراقتصادي ٿيندي؟'

ائين ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو هلي ويو ته هڪڙو اهڙو ماڻهو ملڪ ۾ وارد ٿيو آهي، جنهن جو چيو مڃڻ سان سان پيو نه ته اسين ٻه ٽي آنا روزانو ڪمائي سگهنداسون. عوام پنهنجي شڪرگذاريءَ جو اظهار گانڌي کي مهاتما ڪوٺي ڪري ڪيو.

سن 1924ع ڌاري گانڌيءَ هندستان جي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ کي هڪ خط لکيو:"منهنجا پيارا ريڊنگ! انگ اکري سالنامي Statistical Year Book موجب هندستان جي سراسري في ڪس آمدني اڌ آنو ڏهاڙي آهي. لنڊن مان جاري ٿيل شاهي مينوئل مطابق اوهانکي وائسراءِ ۽ گورنر جي حيثيت ۾ هر ماه چاليهه هزار روپيه پگهار ملي ٿي. آئون اهو ڄاڻڻ تو گهران ته ڪهڙي طرح اڌ آنو روز ڪمائيندڙ مالڪ چاليهه هزار ماهيانه پگهار ڳڙڪائيندڙ نوڪر رکي ٿو سگهي؟"

گانڌيءَ کي پهرئين پهرئين ڊاڪٽر ڪچلو، ڪنهن عوامي جلسي ۾ قائد اعظم گانڌي ڪري ڪوٺيو هو. ائين گانڌي پهريون فرد هو، جنهن کي اهو خطاب ڏنو ويو هو. گانڌيءَ جي سگهاري ۽ اثرائتي هئڻ جو اهم ترين ۽ اصلي راز به اهوئي آهي ته هُن هميشه ڪٽ خلق جي مفادن کي اهميت ڏني. مثال طور 1890ع ڌاري سوامي وويڪانند اڇوتپڻي Untouchability خلاف زبردست بيان بازي ڪئي پر ڪجهه ڪين وريو. پر جڏهن گانڌيءَ ساڳئي مسئلي کي ڪنيو ته اهو معاملو زباني ڳالهه کان وڌيو. هن پاڻ بذات خود ڪاڪوس ميڙيا ۽ ڀنگين جي پاڙن ۾ رهائش اختيار ڪئي. انهيءَ بعد ته اها ڳالهه مشهور ٿي ته هندستان حڪومت جو اثرائتو مرڪز ملڪ جي ڪنهن نه ڪنهن هريجن ڪالونيءَ ۾ هوندو آهي.

اسين ڪٽي سنڌس عظمت جا انڪاري هجون - ان سان سنڌس ذات تي اثر نٿو پوي - پر اها روشن حقيقت آهي ته هو اقليتن جو محافظ هو. سنڌس قاتل ناٿورام گوڊسي ڪورٽ ۾ بيان ڏنو هو ته "هن (ناٿورام) انڪري گانڌيءَ کي ماريو، جو هو عام مسلمانن جو تحفظ پيو ڪري." ورهاڱي کان پوءِ اڄ اهي مسلمان پنهنجي خير خواهه اڳواڻن کان محروم آهن ۽ پي آباديءَ جا موچڙا پيا کائين.

گانڌي اهنسا جو پيروڪار هو. انهيءَ ڪري هن ڪڏهن به ڪنهن کي ائين نه للڪاريو ته منهنجي ڪهاڙي جي ڌار تيز آهي، سو بيهه ته خبر وٺان.

ڳالهه جو مقصد ته سنڌي اڳواڻ به تڏهن گهربل سگهه ماڻي سگهندا، جڏهن اُهي پڻ گانڌي وانگر خلق جي مفادن کي اهميت ڏيندا، انهن لاءِ پاڻ پتوڙيندا ۽ سڪ نه سمهندا.

آئون پانيان ٿو ته اهو ويچارڻ بيجا نه ٿيندو ته سنڌ توڙي بنگلاديش ويجهڙ واري تاريخ ڪهڙو رخ اختيار ڪري ها، جيڪر مجيب ۽ پٽو، فوجي اقتدار جي خاتمي بعد، پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ مختصر صدارتي تقريبات بعد اقتدار تان دستبردار ٿي عوام کي معاملن هلائڻ جي دعوت ڏين ها.

اهو ممڪن هو ته هو عوامي دٻاءُ ڪان مجبور ٿي اهڙي راهه رمن ها، جيڪا تاريخ ۾، گهٽ ۾ گهٽ بر صغير ۾ ته ڪن اڳواڻن اختياري آهي.

هٽلر جي ناڪاميءَ جا سبب ڄاڻائيندي، ڪنهن ماڻهو انهيءَ راءِ جو اظهار ڪيو هو ته هن کي اها پيٽ ئي ٿي پئي ته ڪيس ڪٿي احتياط ڪرڻ گهرجي. گانڌي جڏهن ڪانگريس جو اهم ترين ۽ بي بدل اڳوڻ بنجي ويو ته هن، ڪانگريس جو، جيئن پاڻ چوندو هو، محض چار آنا پريندڙ رڪن، بنجڻ ڪان انڪار ڪيو. ڪي مَتِ موڙهيا، پلي انهيءَ عمل کي منافقي ڪوٺين.

گانڌي اعلىٰ درجي جو اخلاقي اڳواڻ هو. هن پاڻ کي ڪانگريس ڪان سرڪاري طور الڳ رکيو، پر پوءِ به ڪانگريس سان سرڪاري طرح لاڳاپيل ميمبر جهڙوڪ نهرو ۽ پٽيل سندس اخلاقي جرئت آڏو بي وس هوندا هُئا. اهو گانڌيءَ جي ئي سکيا جو نتيجو هو، جو، جڏهن ڪيس ماريو ويو، تڏهن اهڙن هيجاني حالتن ۾ به هندستاني سياست ۽ حڪومت ۾ ڪو بحران نه پيدا ٿيو.

اها حقيقت غور طلب آهي ته هڪ طرف نهرو ۽ پٽيل جهڙا سگهارا اڳواڻ ڪانگريس ڪميٽي جي صدر آڏو جوابدهه رهندا هُئا، پر ٻئي پاسي لياقت علي خان هو، جنهن هڪ ئي ڌڪ سان مسلم ليگ جي صدارت تي قبضو ڪري جماعت جو بيڙو ٻوڙي وڌو. ٽيڪنيڪي طرح هيءُ (لياقت علي خان) ان جماعت يعني مسلم ليگ جو اهڙو خادم هو، جهڙي

نموني ونسٽن چرچل صاحب، هائوس آو ڪامنس (دارالعوام) جو نوڪر هو.

لياقت عليءَ جي انهي ڪارستاني ڪري پاڪستان ۾ لوڪراڄ جون پاڙون پختيون ٿي نہ سگهيون آهن. اسين اڄ تائين سنڌس ڪئي جو ڪيتو پيا لوڙيون.

جيڪر لياقت علي خان، غلام محمد، سڪندر مرزا جو وجود نہ هجي ها تہ هوند ان طرح لوڪراڄ جي تباهي نہ مچي ها ۽ اسانکي هر روز تارا مسيح ڏسڻو نہ پوي ها.

اهڙين حالتن پيدا ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟

ظاهر آهي تہ سوچي سمجهي ڄاڻي ٻجهي ديناداستي عام ماڻهو کي وساريو ويو آهي - اهو ساڳيو عام ماڻهو انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ چرچلن ۽ نڪسنن جي چونڊ توڙي نيڪالي جو ڪل اختيار رکندڙ هوندو آهي.

انڊين ڪانگريس جو سرڪاري يعني چار آنا پريندڙ ميمبر نہ هوندي بہ گانڌي عوامي قوت جو نمائندو بنيو رهيو. اهو سنڌس سڪيا جو نتيجو هو جو سنڌس ناگهاني موت بہ سياسي ڏيوالپٽي، آئيني بحران ۽ مارشلائن جو سبب نہ بنجي سگهيو.

* مضمون لکڻ وقت ليکڪ جي عمر

(سنڌ ڪواٽرلي 1985، نمبر 1، واليوم XIII )

# سنڌي هاڪاريت - آئيندي جو آسرو

ماڻهوءَ جا سماجي زندگي دوران ٽي ورتاءَ سامهون اچن ٿا: هڪ پر اعتماد يا هاڪاري؛ ٻيو تابعداري يا ناڪاري؛ ۽ ٽيون غير فيصلہ ڪن يا غير جانبدار. اهي ٽيئي وري هڪ ٻئي کان مڪمل علحده بہ ڪونہ آهن. اهي هڪ ٻئي سان سلهاڙيل نظر اچن ٿا، پر انهن جو ميلاپ ائين ڪونهي، جيئن مختلف رنگ، پنهنجو اصلي رنگ ختم ڪري نئون رنگ جوڙيندا آهن. انهن جو ميلاپ ائين آهي جيئن رنگ اندلٺ ۾ يا ڪنهن اسپيڪٽرم ۾ مليل هوندا آهن. هتي هر رنگ – واڱڻائي، نيرو، آسماني، سائو، زردو يا نارنگي – علحده نظر ايندو. ها ائين ضرور آهي تہ مختلف رنگن جي ڇيڙن وچ ۾ آميزش، اتاچرو اکيان ڏسندڙ تي هڪڙو اثر تہ اسپيڪٽروسڪوپ Spectroscope سان ڏسندڙ تي ٻيو اثر ڇڏيندي آهي. اسپيڪٽروسڪوپ جي ذريعي سان رنگن جون پٽيون فارنهوفر Forinhoffer جي ليڪن سان جدا جدا ٽيل نظر ايندين آهن. اهڙو مشاهدو اسان کي اوترو مزو نہ ڏيندو، جيترو اندلٺ کي ڏسندي، ڌرتي ۽ جنت جي ميلاپ جو تصور ماڻجي ٿو.

ائين هي سماجي زندگيءَ جا ٽي مک نمونا، زندگي لاءِ ٽن روين جي شڪل ماڻين ٿا، جيئن اندلٺي رنگ.

هڪڙو رويو هاڪاريت يعني ماڻهو جي پر اعتمادي آهي تہ ٻيو وري ان جو مخالف رويو آهي يعني ناڪاريت. ٽيون وري غير مستحڪم رويو آهي يعني غير جانبداري.

اهو هاڪاري رويو آهي جنهن ماڻهو کي انسان بنايو آهي – ماڻهو جيڪو جسماني طرح ضعيف آهي، تنهن هاٿين، اٺن، گهوڙن، جهنگلي مينهن، مگرمڇن، جيتن ۽ ٻين ڳاڻ ڳڻين ساهوارن تي فتح پاتي، ڪاڏي جي پيداوار لاءِ فطرت کي تابع بڻايو. پهاڙون سرڪيون ۽ پاڻ کي فطرت کان بالاتر پانيو. اها ٻي ڳالھ آهي تہ هزارين سال اهو ساڳيو آدمي زلزلن، پرندڙ جبلن،

جنگلي باهين، طوفاني هوائن، برفاني ڇپن ۽ ٻوڏن آڏو بيوس رهيو آهي ۽ قديم خدائن آڏو، جن کي هن، انهن لقائن جو ذميوار ٿي سمجهيو، گيسيون ڪندو رهيو. لکين اهڙيون دعائون ۽ منتر آهن، جن ۾ انهن ديوتائن کي ريجهائڻ لاءِ يا وڏيڪ تباهي ڪرڻ کان باز رهڻ جو وينتيون ڪيل آهن. پراعتماد يا هاڪاري رويي ۽ ناڪاري يا پاڻ ڦتو ڪرڻ واري رويي جي وچ ۾ وري هڪ ٽيون رويو سامهون تو اچي - شين کي بغور جانچي محفوظ رکڻ جو: ٿڌائي پر ڦڙتائي سان اهو مشاهدو ماڻڻ ته ماڻهو، چيزون يا واقعا ڪم ڪن پيا، ڪيئن پيا ڪن، ڇا اڳتي به اهڙي روئيداد رهندي يا نه؟ انهيءَ ڪرت جي هاڻي يا پوءِ اهميت هوندي يا نه.

اڇو ته انساني تاريخ تي (فلسفيانه، سياسي، اقتصادي، ادبي، اخلاقياتي، جمالياتي، سماجي، ڪلچري ۽ صوفيانه جهڙين ڦيرن ۾)، سنڌ جي حوالي سان اتاچرري نظر وجهون. جهٽ پٽ ۾ اهو پڌرو ٿئي ٿو ته ڪيتري حد تائين قديم سنڌي ڪلچر، موهن جي دڙي ۾ وڌيو ويجهو آهي. (ڪلچر مان مراد زندگيءَ جو هڪڙو پهلو جهڙوڪ موسيقي يا مصوري نه آهي هوندو آهي پر ڪلچر انساني حاصلاتن جو مجموعو يا ميڙ آهي.)

قصو اتي ختم ٿتو ٿئي. سڪندر جي سنڌ تي ڪاهه جو احوال جيڪو يوناني تاريخدانن ڏنو آهي. تنهن موجب سڪندر پنهنجا ڇاڙتا اندرون سنڌ روانا ڪيا ته جيئن اهي ڪا اهم ڄاڻ حاصل ڪري اچن. انهن سڪندر کي اچي ٻڌايو ته ڇپي ڇپي تي قديم شهرن جا آثار نظر اچن ٿا.

موهن جي دڙي جي تباهيءَ کان وٺي عربن جي فتح تائين ڪيترائي تفصيل گهربل آهن. پر پوءِ به ڇچنامي جي بين السطور کي پڙهندي اها پروڙ پوي ٿي ته عربن کان اڳ واري سنڌ ڪيتري خوشحال هُئي. هاڻي مادي آسودگيءَ جو نالو نيشان به نتو لڀي. اها حالت ناڪاري رويي جي ڏين آهي.

ماضيءَ ۾ سنڌ جو خوشحال هئڻ مان اها مراد وٺبي ته ان جا رهواسي، جيئن رابرٽ انگروسل ٻڌائي ٿو، خوش خرم ۽ پراعتماد هُئا، ۽ وطني محبت

سان سرشار هئا. سنڌ مايوسي کي ويجهو اچڻ نه ڏنو، سو خوشحالي جي گهيري ۾ رهي.

سنڌ جي پن نامور پٽن پٽاوالا ۽ پنهور جون لکيتون اسان کي ٻڌائين ٿيون ته شهرن جي ٺهڻ ٽوڙي ڊهڻ ۾ سنڌوءَ جو ڪيترو حصو رهيو آهي. هنن بيرحم واريءَ جي دڙن هيٺيان، سنڌ جي هاڪاريت جي بي بها پيداور به دفن ٿي ويئي. بار بار پر ٿور وقتي، سنڌ جي رهواسين پنهنجي پسگردائيءَ تان پنهنجو قبضو وڃايو آهي. جو ته سنڌونديءَ اوچتو ئي اوچتو، بنان ڪنهن اندازي جي رخ پئي تبديل ڪيو آهي. پر پوءِ به اها سنڌ جي ماڻهن جي هاڪاريت آهي، جو هنن نه زمين جي ڪيڙيءَ کي ترڪ ڪيو ۽ نڪي شهرن جي اڏاوت کان باز رهيا. هو وري به مادي ٽوڙي غير مادي شين جي تخليق ۾ رڌل رهيا.

جڏهن به ڪو موقعو مليو آهي ته سنڌي هاڪاريت وڏي زور سان اڳتي آئي آهي. جيئن ڄام نظام جي دور حڪومت ۾ نظر اچي ٿو. جيڪڏهن هن کي باڪمال ڪري ونجي، ته پوءِ ياد رکڻ گهرجي ته ڪماليت يا اوج بغير ڪنهن بنياد يا آڌر جي حاصل نه ٿيندو آهي. ٿٽي جي نه وسهڻ جهڙي خوشحالي پويان سنڌي هاڪاريت ۽ پراعتماديت ته هئي.

موهن جي دڙي کان وٺي ڪري وڻج واپار ٽوڙي علميت ۾ هاڪاريت جو عمل دخل رهيو آهي. تور ۽ ماپ جا اوزار، شطرنج، نچٽي جو محموعو، اناج جو گودام، ۽ ويڙه سان لاڳاپيل هٿيارن جي اٿهوند، شهرن جي رٿائتي اڏاوت اهو وائکو ٿا ڪن ته تمام پراڻي دور ۾ به غير معقوليت جو پاچو نه پيو هو ۽ تسلط ۽ انتها پسنديءَ جي جاءِ تي، سيڪيولر ۽ پر امن رويا غالب رهيا.

هاڻي، جڏهن ماڻهو انسان بنيو - ان ڪري نه ته کيس به ٽنگون، ٻتيهه ڏند، ٻه پير، ٻه ٻانهون آهن، پر انساني دانش جي ڪري - تڏهن سنڌ جي قديم سيپتا واضح ٿي ڪري ته اتي انساني دانش، معقوليت جو هٿ

پڪڙيو. جنهن جو اظهار آرٽ، صنعتن، شهرن جي رٿا بندي، انفراديت (علحده گهر) ۽ سهڪاري زندگي ۽ اناج جي ذخيري ڪرڻ جهڙن فعلن ۾ ملي ٿو. ائين معقوليت ۽ امن جو بول بالا ٿيو.

جيڪر ائين آهي ته پوءِ ڀلا اسين انهن سنڌي حاصلاتن کي هاڪاريت جي فتح ڪوٺيون يا نه؟

شايد ان سوال جو جواب هائوڪار ۾ اچي. جو ته لفظن سان لاڳاپيل معنائن کي جيئن جو تيئن رکندي، اهو اندازو ٿو ٿئي ته انسان طاقت جو استعمال تڏهن ڪيو آهي، جڏهن ڪا شيءِ اڳتي نه رڙهي يا راهه روڪ سامهون آئي.

مثال جي طور ماڻهو نرم ميوي کي زور ڏئي ڦهندو ڪونه. البت ٿوس سوپاريءَ کي پٿر سان پچندو. جو ته اهان ان ميوي جيان نرم ۽ نازڪ نه آهي. ائين نرم ترين ميوي کي ڦيهڻ جو عمل توڙي سوپاريءَ جي ٽڪر کي ڇَٽڻَ جو عمل، غير مناسب، بي قاعده ۽ غير معقول بنبو.

"سو ماڻهوءَ کي جڏهن امن سان هڙ حاصل ٿئي، تڏهن هٿيار چو کڻي". اهائي معقوليت، اجتماعي زندگي ۾ وڻج واپار، صنعتڪاري ۽ فطري قوتن تي غلبو ماڻڻ واري مرحلي ۾ ڪارفرما رهي آهي.

بهرحال ان جي اها مراد به ڪانهي ته سنڌين هميشه پنهنجو بچاءُ نه آهي ڪيو - جيئن ڪنهن ڪاهه جي نتيجي ۾ موهن جي دڙي جي تباهي دوران نظر اچي ٿو.

رني ڪوٽ ۽ ٻين اهڙن ڪوٽن جي سنڌ اندر موجودگي، انهي مد ۾ پڌرو ٿي ڪري ٿي ته سنڌين ملتري پهلوءَ کي صفا رد نه ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ عربن جي فتح وارو داستان ئي ٻڌائي ٿو ته سنڌين پنهنجي ماتر يومي لاءِ ڪيتري نه ويڙهه ڪئي آهي.

يقينن، جيئن لڳي ٿو ته محمد بن قاسم جي ڪاهه ڪا پهرين ڪاهه نه هئي. ان کان اڳ ۾ به ٿي ڪاهون ڪچليون ويون هيون. وري

محمد بن قاسم ۾ سولائيءَ سان سنڌ تي قبضو نہ ڪيو هو، هو ملتري جي روڪن ڪان، حجاج بن يوسف کي آگاهہ ڪندو هيو. پوءِ ان جي دربار ۾ موجود نوبنا مشير ۽ ماهرين صورتحال جو تجزيو ڪري صلاح مشورا اُماڻيندا رهندا هُئا. ان ڪان علاوه سندس لشڪر کي اهڙيون ڀيڙيون يا غوراب ميسر هئا، جي پاڻيءَ جي لهواري جي ابتڙ اڳتي ٽي وڌيا. پوءِ هو ڪيترين جاين تي سنڌين سان جهيڙ ڪائيندو، قابض ٿيو هو. راجا ڏاهر پاران حريف شهزادن کي هڪ تي وڙهڻ جو سڏ، نظام ۽ مرهٽن کي ڏنل ٽيپو واري سڏ سان ملي ٿو. اجان وڌيڪ اهو تہ سندن يعني راجا ڏاهر ۽ ٽيپو جا آخرين لفظ بلڪل هوبهو نہ هوندي بہ ڪافي ملندڙ جلندڙ آهن. پوءِ جي تاريخ بہ اهڙن ڳاڻ ڳٽين جهيڙن سان پري پئي آهي، جيڪي سنڌين بيٺڪي قوتن يعني عربن سان جهوٽيا. ائين عربن جي فوجي يا سماجي موجودگي ختم ٿيندي وئي. جڪا آخر محمود غزنوي پاران عرب شهر منصوره کي تاراج ڪرڻ پڃاڻان، پڃاڻيءَ پهتي. (چيو وڃي ٿو تہ انهيءَ منصوره شهر ۾ ئي محمود غزنويءَ کي اها ڄاڻ ملي تہ سومنات جي مندر ۾ بي بها خزانو لڪل آهي ۽ هي هتان ئي سڌو سومنات ڏي ڪاهي ويو.)

منصوره جي تباهيءَ ڪان وٺي بلوچن جي ڪاهن تائين، راجپوتانہ توڙي سنڌ ۾ راجپوت راڄ ڏٽي رهيا، پر باهمي جهيڙن انهن کي ايترو تہ ڪمزور ڪيو جو هو بلوچن جي ڪاهہ جو مقابلو نہ ڪري سگهيا. بلوچ پهرين تہ فاتح بنجي آيا، پر پوءِ هو سنڌي وڌيڪ ۽ بلوچ گهٽ بنيا. جو تہ بلوچستان بلڪل ويجهو هو. تنهن ڪان پوءِ ان جو هڪڙو هيءُ سبب هو تہ سنڌ زرخير هئي ۽ ان جي نسبت ۾ بلوچستان ۾ سڃائي واڪا ڪري رهي هئي. وقت گذرڻ سان بلوچ سنڌ جا مالڪ توڙي سنياليندڙ بنيا. ۽ انهن بجائي پنهنجي بولي مڙهڻ جي، هتان جي بولي قبولي. اهو سنڌي ڪلچر جو ڪرشمو آهي جو مغلن توڙي انگريز کي سنڌين ڪان وڌيڪ بلوچن سان وڙهڻو پيو.

جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ وڏيون سماجي تبديلون آڻڻ شروع ڪيون، تڏهن هتي سنڌ ۾ ڪين وڏين روڪن سان منهن مقابل نہ ٿيڻو پيو،

جيئن پين تي هندن تي ٿيو. فريئر ۽ ليمبرڪ جهڙن جون خدمتون، پين جي خدمتن سان گڏوگڏ رکي (جهجهائيءَ جو) فرق جانچيو.

بمبئي سان سنڌ جو الحاق سنڌ لاءِ سٺو سوڻ نه ثابت ٿيو. 1935ع ڌاري سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي، ان کان پوءِ وري ڏهن سالن اندر جنهن هاڪاريت جو مظاهرو ٿيو، سو اڳي جي تاريخ ۾ (الحاق واري دور) ۾ ڪٿو ور چڙهي. وري ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگي ۽ پوءِ سنڌ جو ون يونٽ ۾ شامل ٿيڻ اهڙا واقعا هيا، جن سنڌي نفسيات تي برو اثر وڌو.

سنڌين چوڌير حالتن جو بغور جائزو وٺي، ڪمائتا عنصر ذهن ۾ محفوظ ڪرڻ شروع ڪيا.

انگريز کان اڳ واري عرصي وانگيان، هاڻي سنڌين هر ڳالهه ڪي قدرت جو نيم پانئي ڪري، ماٺ ميٺ ۾ ٺتي قبوليو - گيت وڌيا، ويدانيت ۽ نند آٽيندڙ پيا نظريا، جي نه صرف جاگيرداريت جا پشتي باز، پر سنڌي وچولي طبقي جي اپرڻ ۾ به روڪ رهيا آهن، تن جي افاديت تي سنڌين، خاص ڪري عورتن، جيڪي ئي هن بينل سماج جو مک شڪار رهيون آهن، نئين سر ويچار شروع ڪيو.

ارغون، ڪلهوڙا، ٽالپر ۽ پيان پاهران ايندڙ جن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ حڪمران رهيا، سي وري به آخر ۾ سنڌي بنيل آهن. ۽ سنڌي ڪلچر جي واڌاري ۾ حصيدار رهيا آهن. مثال جي طور مرزا قليچ بيگ جا وڏڙا، تمام پراڻهن هند کان هت وارد ٿيا، پر پوءِ به مرزا صاحب سنڌي ڪلچر جو تابناڪ ستارو ٿي اپريو، ۽ ڪنهن طرح اڪيلو به نه هو.

سنڌي شخصيت جي نيارپ جي سست ۽ آزاريندڙ پر هاڪاري ارتقا - جنهن کي اياز جي شاعريءَ ۾، پٺاوالا ۽ پنهور جي تاريخي ۽ جاگرافيائي لکيتن ۾ ۽ ڊاڪٽر ڏبش جي سن 1925ع کان وٺي ڪري سنڌ يونيورسٽي جي قيام جي مطالبي تي جميو رهڻ مان پُرجهي سگهجي ٿو - جي پويان جيڪي سماجي عنصر شامل آهن، تن جو شعوري تجزيو هاڻوڪا سنڌي ڪرڻ لڳا آهن.

بهرحال اهو چيهه نہ آهي، چو تہ شخصيت مجموعو آهي، پر ان جي ڪارڪردگي لاءِ ضروري آهي تہ ان جا مڙيئي جزئيات - نڪو ٻہ، نڪو ٽي، پر مڙيئي - پاڻ ۾ ميل، سهڪار ۽ رابطي ۾ هجن.

سياڻن اهو بي جا تہ نہ چيو آهي ”زنجير اوتري سگهاري آهي، جيترين ان جي نسبت ۾ ڳنڍيندڙ ڪڙيون ڪمزور آهن“ چو تہ ڳنڍيندڙ حصن کي ڇڏي ڪري ٻيا حصي ڀلي ڪيترا بہ سگهارا هجن، پر چڪ چڪان مهل زنجير جي سگهارپ جو دارومدار وري ان ڪمزور ڪڙين تي هوندو آهي. پوءِ زنجير ڪٿي ڪنهنجي صحت جي يا پل جي هجي، يا سياست، اقتصاديات يا ڪنهن ٻي چيز جي هجي - انفرادي توڙي مجموعي هجي.

روز مره جي ڪمن ڪارين دوران، مستقل ۽ ترتيب وار چڪاس، ۽ معقوليت جي استعمال جي گهرج (چا؟ گهرج) جو شعور پلئہ پوي ٿو، جڏهن ڪو پائليٽ جهاز اڏائيندو آهي، تڏهن ان لاءِ لازم آهي تہ واسطيدار شين کي چڪاسي، انهيءَ ڪرت ۾ ڪيس ڪڏهن بہ رخنو وجهڻو نہ آهي.

يا اڄان بہ، عام طور تي، هر ڊرائيور گاڏي هلائڻ کان پهرئين، ڪلچن، ٽائرن، بريڪ ۽ پيٽرول جي مقدار جو جائزو وٺندو آهي.

ائين ڪرڻ، عام سمجهہ Common Sense آهي.

دنيا جي مڙني سڌريل برادرين انهيءَ عام سمجهہ يعني شين جو بغور جائزو وٺڻ کي، زندگيءَ جي هر رخ تي لاڳو ڪيو آهي. اهو عمل زندگيءَ جي جبلت کي فرائيڊ واري موت جي جبلت کان جدا ڪري ٿو. سنڌ جي تاريخ موجب جڏهن چارلس نيپيئر مياڻي جو معرڪو ماري، اتان جي حاڪم جي محل تي ڪڙڪيو هو، ۽ حاڪم جي ڇاتي تي پستول ڦهڪائي هٿندي رڙ ڪئي هئي ”پيش پئو“ اوسيتائين، هن بد بخت حاڪم سنڌ کي، پنهنجي شڪست جي پروڙ نہ پئي هئي، هو تہ آفيم جي نشي جي لذت ۾ مگن هو.

ساڳي طرح جڏهن نادر شاهہ ۽ محمود شاهہ رنگيلو هڪ ٻئي سان جنگ ۾ جنبيل هُئا، تڏهن هڪڙي ڏهاڙي نادر شاهہ، پنهنجي دور بيني

(جنهن کي ان وقت ڊچ گلاس تي سڏيو ويو) ذريعي اهو منظر ڏسي ورتو ته مغل سپهه سالار نازنين جي گهيري ۾ رهيا، نرم هٿن سان مالش ڪرائي رهيا هئا، ڪين عاليشان ڪپڙا پهريل هئا ۽ سندن تلوارون هيرن سان سجيل هيون، وري هن دوربيني جو رخ پنهنجي ڪئمپن ڏي موڙيو: اُتي تير ڪمان ٺهڻ جي مرحلي ۾ هئا. هن رڙ ڪئي: ”اسان جنگ کٽي ورتي“.

انهيءَ کان گهٽو اڳ، سڪندر ستلج ندي ڪناري ترسيو هو. ڪيس رات جو، پريين ڪناري تي ويڙهل هندستاني سپاهين جي ڪئمپن مٿان ڳاڻ ڳڻيا ستارا نظر آيا. هن پڇا ڪئي: ”اهي ڇا آهن؟“

”اها سپاهين جي تندور ۾ پرندڙ باهه آهي“.

”ڇو ڀلا؟ “

”اُتي هر سپاهي علحده پنهنجي ماني تيار ڪندو آهي“

”ته پوءِ اسان جنگ کٽي“. سڪندر رڙ ڪري چيو، ”جيڪي سپاهي گڏجي کاڌو تيا پچائي سگهن، سي وري گڏجي وڙهندا ڪيئن؟“

سنڌ ۾ هاڪاريت جي نئين ايار لاءِ مڙني رهواسين کي ٻڌي يا تڪرار مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي. اها پڌري حقيقت آهي. نون سنڌين لاءِ سنڌ کان سواءِ ٻي واهه ڪونهي.

هنن باوجود، مانائتي ۽ عزت ماب مولانا ابوالڪلام آزاد جي بار بار چتائن جي، پنهنجي جنم ڀومي کي ماتر ڀومي ڪري نه سمجهيو.

هنن پنهنجي ئي ٻوٽ جا ڪشا، پنهنجي ڳڇيءَ ۾ ٻڌا. پناهگير جڏهن پشاور پهتا ته خان عبدالقيوم خان ڪوششون ونيون، ڪين پٺتي ورايو.

جڏهن مخصوص ذاتين جا پناهگير پهتا، تڏهن واهگا سرحد به بند ڪئي ويئي ۽ پري جي پناهگيرن کي سنڌ ڏي مُڪو ويو ۽ سندن واسطي کوکرا پار جي سرحد کولي ويئي.

هاٽي رڳو سنڌ ئي انهن جي ماتر يومي آهي، انهن اڳ ماتر يومي ڪي نہ چاتو، باقي شهرن جي حوالن سان آڪڙبا رهيا. هيڏانهن رڳو سنڌ ۾ اتان جي شاعر لطيف پنهنجو معراج اندرون سنڌ ۾ ماٽيو ۽ سنڌ جي شهرن ۾ سندس روح لامارا ڏيندو رهيو.

تنهن ڪان پوءِ انهيءَ بي بدل شاعر، پنهنجي رسالي ۾ ڪنهن عاليشان غاليچي جيان، ڌرتي چاوا ڪردار اُٿيا آهن.

اها صورتحال اسان ڪي ڪاليداس جي ميگهہ دت جي ياد ڏياري ٿي: هڪڙو ڪڪر برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ تي برسي ٿو. ان ۾ هر هڪ حصي جي تز نقشگيري / مصوري آهي.

ائين، پٽائي بہ، پوءِ ڪٽي محدود ڪينواس تي، سنڌ جي مڙني، هائو مڙني، حصن ڪي چٽيو آهي.

پنهن حالتن ۾ هڪ ئي ڳالهہ مشترڪ آهي: پيار، محبت اڻ ورهايل هندستان ۾ ٿي مسلمان شاعر ئي وطن پرست رهيا آهن. جن ۾ پهريون امير خسرو آهي. جنهنجي تخليقن ۾ وطن لاءِ اڻ ميو پيار ملي ٿو. هن پنهنجي مادري زبان فارسي ۾ پنهنجي ماتر يومي توڙي شهر دهلي جي بي انداز تعريف ڪئي آهي. گڏوگڏ ديسي گجر ڪان وٺي، هندستاني موسيقي ۽ هندستاني ڦلن جا ذائقا، هن جي تخليقي گهيري ۾ رهيا آهن.

وري نذير اڪبر آبادي ٿو اچي. جنهن ڪي هڪ هندو عالم هندستان جو شيڪسپيئر ڪوٺيو آهي. هنن پين اردو شاعرن وانگيان، ايراني بلبل ڪي ڳائڻ بجاءِ، هندستاني ڪوئل ۽ پين ديسي وٿن ڪي ڳايو آهي.

پوءِ وري اقبال جديد قومي تراني نياشوالا (جنهن جون ڪافي سٽون هن پوءِ خارج ڪري، انهيءَ لازوال ادبي شاهڪار ڪي بيڪار ڪري ڇڏيو) سان سامهون آيو.

بهرحال ترت ئي پوءِ هن چين و عرب همارا (جو سمجهي پيو سگهجي ته ڇا جي ڪري ) ڳاتو ۽ وطن پرستي جي ملامت ڪندڙنظم تخليق ڪيو.

جيستائين اقبال جا اهي نظم، جن ۾ هن وطن پرستيءَ کي نِنديو آهي، هت رهڻا آهن، تيستائين سندس ساراهيندڙ وطن پرست ٿي نه سگهندا.

مسلم ٿورائي وارن صوبن ۾ اقبال جي چڙ پوچا ٿي ڪئي ويئي. اقبال پاران وطنيت کي رد ڪرڻ ڪري، هي مسلم ٿورائي وارن علائقي جا رهواسي پنهنجي جنم يومي کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيا، جڏهن ته اقبال پنهنجي ئي نقطي نظر جي ابتڙ مسلم گهٽائي وارن صوبن جي علحدگيءَ جي گهر ڪئي.

اقبال جي وطنيت ۽ جمهوريت لاءِ مذمت، ڪٽي، مسلم ٿورائي وارن علائقن جي حالتن موجب هجي، پر سنڌ ۾ صورتحال ئي ٻي آهي.

هتي هر سنڌيءَ کي پنهنجي وطن سان پيار هو. جڏهن سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي هئي ته هنن ٻي انداز خوشيون ملهايون.

نون توڙي پراڻن سنڌين جي مفادن جي پرخلوص سماجي ۽ روحاني ميلاپ تي ئي سنڌ جي مستقبل جي هاڪاريت جو مدار آهي.

ڇا سنڌ لاءِ اهو چڱو نه ٿيندو ته هو دنيا ۾ ڦهليل سنڌي ڪلچر، ٻولي ۽ نفسيات سان ڇهتلين کي پنهنجو ڪري وٺي. انگريز، فرينچ،جرمن، ۽ ٻيا متحرڪ سماج پنهنجي ڪلچر، توڙي زبان جي ڦهلاءَ تي گد گد پيا ٿيندا آهن.

ڏکڻ ايشيا ۾ انگريزن ته ڦُلين واري ڪم ڪدائو انگريزي، جنهن ۾ ٿورا ڪي فعل ٿي استعمال ٿيا، باقي رڳو اسم ٿي ڪم آندا ويا، جي ٻه سرپرستي ڪئي. ۽ اهڙي واڌ تي هو سرها ٿيندا رهيا.

وڏي ڳالهه ته اڄ اها ڪم ڪدائو انگريزي آسٽريليا جو يونيورسٽين ۾ سيکاري وڃي ٿي.

پنهي پنجابن ۽ بنگالن، پنهنجي هڪڙي زبان بحال رکي آهي، جيڪر ڪوبہ سندن زبان کي وڏائي اها انهن لاءِ چڱي ڳالهہ آهي.

سنڌ جا هاڪاريت توڙي متحرڪيت لاءِ اسانکي مات نہ آهي رهڻو.

(سنڌ ڪوارٽرلي 1983/3)

# خلق ئي تہ سنڌ آهي

سنڌ جو عام ماڻهو ئي سنڌ آهي. جيڪر سنڌ نيل آهي تہ اها انڪري نہ آهي تہ ڪو سنڌو درياءُ سڪل آهي يا تر ۾ ڪو ڏڪار پيل آهي، يا واهڻ ۾ ڪو پاڻي ڦڙو بہ ڪونهي، يا باغن ۾ ويراني پئي واڪا ڪري. سنڌ جي سياسي نستائپ ۽ نبلتا جو هڪ ئي ڪارڻ آهي: هتان جي عام ماڻهن کي سوچي سمجهي ڪري ڪمزور ۽ نهال رکيو ويو آهي؛ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ڪيس اهو پئي با آور ڪرايو ويو آهي تہ هو يعني عام ماڻهو [يا ڪت خلق] سنڌ نہ آهي. تاريخي طرح سچ ثابت ٿيل هڪ ابدي نفسياتي، سماجڪ، حياتياتي، ڪيميائي ۽ طبعي نيم هيءُ آهي تہ زنجير اوتري ئي سگهاري هوندي آهي، جيتري نسبت ۾ ان کي ڳنڍيندڙ ڪڙيون ڪمزور هونديون آهن. اها ڪمزور ڪڙي ئي ٽوڙ ڦوڙ جو باعث بنبي آهي. اوهان اسريل يا ترقي يافتہ ملڪن ۾ ڏسندائو تہ اُتي هر ممڪن ڪوشش وٺي ڪري عام خلق کي ئي طاقت جو سرچشمو بنايو ويو آهي. هر شيءِ، خلق جي عام مفادن وٽان اڳتي وڌائي وجي ٿي. صدر نڪسن ڪان وڏيڪ سگهارو ڪو ٻيو صدر اوهان کي سُجهي؟ سچو آمريڪا ويٽنامي جنگ جي بکيڙي ۾ غرق هو. آمريڪي سرڪار سرجوشيءَ سان ويٽنام جي تباهي ۾ رڌل هُئي. اُتي هر خطرناڪ ۽ موتمار هٿيار استعماليو پئي ويو. آمريڪي بمباري جي نتيجي ۾ ويٽنام ايترو تہ تباهہ ٿيو آهي جو اڄ بہ اڻ ڳُڻيل بمن جو خطرو عوام جي آباد ڪاريءَ واري عمل ۾ رڪاوٽ بنيل آهي.

آمريڪي سپاهين، اُتان جي سرزمين تي ايترا تہ وبائي مرض ڦهلايا، جو سندن ئي ديس واسي، انهن جي احوال سان دهلجيو وڃن. ڪوبہ اهڙو تجرباتي هٿيار نہ بچيو، جو ويٽنام ۾ نہ چڪاسيل هجي. ان هوندي بہ ويٽنامي عام ماڻهو توڙي ان جو ذهن ۽ روح جيتجي نہ سگهيو. ٻي پاسي آمريڪا جي خلق انهيءَ اٿهي اينگيل جنگ ۾ آمريڪي وابستگيءَ تي ارهي

هُئي. ان ڪيفيت جو وڏي واڪ اظهار به ٿي رهيو هو. ايتري حد تائين جو محمد علي ڪلي سميت ڪيترن زوري ڀرتي ڪيل فوجين پنهنجا فوجي ڀرتي جا حڪمناما ڦاڙي ڦٽا ڪيا ۽ جيل قبوليائون. يونيورسٽيون شاگردن ۽ پوليس ۾ ڇڪرين جون ميدان ٿيون. وري جو سابق آمريڪي صدر آئزن هاور کلي عام ايٽم بم استعمالڻ جي صلاح ڏني، ته وڏو گوڙ متو ۽ آمريڪي سرڪار ان تجويز کي چاهيندي به عمل ۾ آڻي نه سگهي. ايٽم بم هٽڻ سان جنگ هڪ پاسي ٿي وڃي ها. اهڙي صورتحال ۾ نڪسن اڳتي آيو، جنهن پنهنجي چونڊ واري منشور ۾ ان جنگ جي خاتمي کي اولين حيثيت ڏني. صدر چونڊجڻ ڪانپوءِ نڪسن پنهنجو واعدو پاڙيو: دشمن ملڪن روس ۽ چين جي خواهشن جي ابتڙ هن آمريڪا کي جنگي دپڻ مان ڪڍي ورتو - جنهن ۾ آمريڪا ان بي وس اٺ جيان ڦاٿل هو، جنهن جو نئون قدم ڪيس هيٺانهين ڏي نيو ٿي ويو. اهڙي شاندار ڪاميابيءَ جي ڪري نڪسن جو نانءُ تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکجي پيو سگهي. پر آمريڪا جي هڪڙي معمولي ذائفان، جا ڪنهن ننڍي اخبار ۾ ملازم هئي، همراه کي ٿيڙ گول ڪرائي وڌا. ان مائيءَ آمريڪا توڙي دنيا تي واضح ڪيو ته نڪسن صاحب غير ضروري ٽيپ رڪارڊنگ ٻڌي آهي. سنڌس عمل آمريڪي شهريءَ جي خانگيت / نويڪلائپ واري حق تي ڌاڙي برابر هو. خلق اهو ٻڌي، پهرئين ته محظوظ ٿي ته هيڏو وڏو ماڻهو، ايتري تائين ڪري ٿو سگهي.پوءِ ان عمل لاءِ وڏي واڪ ڪروڌ جو اظهار ڪيو ويو. ائين صدر نڪسن خلاف نه رڳو تحريڪ هلائي ويئي، پر قانوني پڪڙ ۾ سوگهو ڪيو ويو. هيءُ اهو ئي ماڻهو هو، جنهن آمريڪا کي ويٽنامي جنگ جي آڙاهه مان ڪڍيو هو. صدر نڪسن پهرين ته ان ڳالهه کان نابري واري ته هن کي ٽيپون ٻڌيون آهن. ثابتي فراهم ڪئي ويئي. هاڻي ڪافي ٽيو. هاڻو ڪافي ٽيو. هاڻي يا ته خلق جي سياسي سگهه دائم رهي يا نڪسن قائم رهي. خلق جي سگهه ۽ آمريڪي صدر جو ڪوڙو هجي، ٻئي گڏجي ڪيئن ٿيا رهي سگهن.

نڪسن آڻ مجي. عجب جهڙي ڳالهه آهي ته هن انهيءَ مائي ڪان ڪوبه بدلو نه ورتو. اهو ڪو معجزو نه هو. معجزو ته هوند پين ملڪن خاص ڪري پراسرار اوير ۾ ٿئي ها، جتي نه رڳو اها مائي، پر سندس مٽ مائٽ، قبيلو ۽ اخبار جادوءَ جي روز تي ائين الوپ ٿي وڃن ها، جو سندن ڪو نالو نشان پنتي نه رهي ها. مثال طور افغانستان ۾، جڏهن بادشاهه سڳوري، چٽ غاصب بچه سقه کي شڪست ڏني، تڏهن ڪلاڪن ڪان پوءِ ان غاصب سقه جو ڪو مائٽ ويندي ابهم ٻارن تائين، ڪو به نه بچيو. ان ڪان اڳ ٽالپرن، مٽن وسياهه ڪندڙ ڪلهوڙن سان، پنهنجي وفاداري جو آخرين پيرو مظاهرو ڪيو هو. تڏهن ڪوبه ڪلهوڙو نه ڇڏيو ويو ته جيئن دنيا چاٽي سگهي ته ڪلهوڙا ڪهڙي رنگ روپ جا مالڪ هئا. ان جي ابتڙ جڏهن نيپيئر فاتح بنجي آيو ته ان رڳو ٽالپرن ڪان سجدي جي گهر ڪئي. اهڙي واقعي خلق کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. جن خوشيءَ سان اهو سجدو بجا آندو، سي به ان اڻ گهري خوش نصيبي تي حيران هيا (هوڏانهن هوش محمد شيدي، ڏارين جي غلامي ڪان پاڻ بچائيندي ۽ شهادت جي راهه ورتي).

بهرحال پوءِ به خلق جا ڏولاوا ڪونه گهٽيا. اهي ته اجا توڙي انهن سجده گرن جا غلام هئا، جن پانهون پڏي، پيرين پئي، انگريز مائي باپ ڪان پنهنجا شڪارگاهه واپس ورتا. ٻئي طرف هوشو جي ذڪر سان تحسيني نعرا زبان مان نڪريو وڃن.

انگريزن جي فتح تائين، نه صرف هتي، بلڪ پوري هندستان ۾ خلق کي ته ڪير ڪنگهندو به نه هو. پر هوڏانهن ڪلائيو ڪان وٺي نيپيئر تائين، مڙيئي فاتح، انگلنڊ جي خلق جي چونڊيل نمائندن آڏو جوابده هئا. هت هر حڪم مٿان ڪان ٽاڦيو ٿي ويو. برطانيه ۾ پهرئين مسئلو ڳوٺاٽي ڪائونسل ۾ آندو ٿي ويو، پوءِ پريس جي ذريعي چونڊن ۾ ڪٽيل بي اختيار لارڊن جي وسيلي هائوس آف ڪامنس ۾ ٿي پهتو، جتي بادشاه جي معمولي اجازت لاءِ ترسيو ٿي ته جيئن ايڪٽ يعني باضابط قانون جي شڪل وٺي. سن 1818ع ڌاري راجا رام موهن رائي انگريز حاڪمن ڪان گهر ڪئي ته هندستان تي ائين حڪومت ڪئي وڃي، جهڙي طرح انگلينڊ ۾ ڪئي

پئي وڃي. پر انگريزن اجا مڪمل فتح حاصل نہ ڪري سگهيا هئا. اجا مس سنڌ کي فتح ڪيائون ۽ سکن کي شڪست ڏنائون تہ ”بلوو“ اچي ڪڙڪيو. اهو ”بلوو“ هُيو تہ محدود علائقي ۾، پر ان سلطنت جا بنياد لوڏي وڌا، جا سو سالن ۾ جڙي راس ٿي هئي.

”بلوي“ جي ناڪامي هندستاني جاگيرداريت لاءِ موت ثابت ٿي. 1753ع ڌاري پلاسي واري جنگ دوران، مرشد آباد جي واپارين، جيڪو انگريزن واپارين سان دوستيءَ جو ثاهہ ڪيو هيو ۽ فاتح ڪلائيو جي پليڪار سندس پيرن ۾ سونا سڪا اڇلائي ڪئي هئي، سا دوستي 1857ع ڌاري بيحد فائديمند ثابت ٿي.

بنگال ۾ جاگيرداريءَ کي صفا نابود ڪيو ويو. ايتري تائين جو ڍاڪا وارو زيبائشي راجا بہ ڪشميري مسلمان واپارين جي ڪٽنب جو چشم و چراغ هو. پين بنگالي راجائن جو تعلق بہ پراڻن هندو راجائن سان نہ هو، پر اهي راجا تہ ٺئڪس گڏ ڪندڙ واپاري ڪٽنبن مان هيا. روينيو جي سڌاري ۽ انڊين پينل ڪوڊ جي ڪري، هڪ ئي ڌڪ سان لکين پنچائتون ناڪاره ٿيون ۽ خلق رياست سان سڌي رابطي ۾ آئي. پهرئين بنگال، پوءِ سنڌ ۽ پنجاب، انگريزن جي قبضي ۾ آيا. پنجاب ۾ سک هارين جي بغاوتن اڳيئي مغل حاڪميت کي نهوڙي وڌو هو، سو اُتي جاگيرداري ڪمزور پئجي وئي. سک حاڪمن کي ايترو وقت ئي نہ مليو، جو اهي پنهنجي حاڪميت مظبوط ڪري وٺن. انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ پنجاب، هارين ۽ اپٽڪارن جو ديس بنيو. 1857ع ڌاري کين مغل شهنشاهينت کان آجپو نصيب ٿيو، سو هنن تازي شڪست ۽ پنهنجي محبوب اڳواڻ رنجيت سنگهہ جي پوٽي جي جلاوطني کي جلدي وساري وڌو ۽ انگريزن جي تابعداري دليان قبولي.

سنڌ ۾ جاگيرداريت جون پاڙون بيحد پختيون آهن. جيتوڻيڪ ميرن جو روز هڪ ئي ڌڪ سان ختم ٿيو، پر پوءِ بہ مقامي زميندارن انگريز آقائن آڏو گيسيون پائي، پنهنجو عام تي قبضو بحال ڪيو. سنڌي خلق آڏو وڏيرو

ڦني خان بنجي ٿي ويو. پر انگريز عملدار جي اڳيان سنڌس حالت مينهن ۾ پسيل ڪُڪڙ جيان ٿي ٿي ويئي.

جيڪر سنڌ کي فتح ڪانپوءِ پنجاب سان ملايو وڃي ها ته هوند هينئر پنجاب جي اثر ڪري، سنڌي سماجي سياسي تاريخ ئي اور هجي ها. بمبئيءَ سان الحاق واري دور اندر، هندو تاجرن جي ڪوشش سان، سنڌ توري گهڻي سچي هند سان لاڳاپيل رهي، باقي هونءَ هيڪلو صوبو بڻي، جنهن تي بمبئي ۾ براجمان ڪمشنر راڄ پيو ڪري. بهرحال، ساڳئي وقت سنڌ پنهنجو قديم تشخص بحال رکيو. انگريز عملدارن جي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي جوڙي ويئي، جنهن ڪري اها سرائيڪي جهڙي حشر کان بچي ويئي.

بي زمين هارين سان زميندارن جيڪي وهلور وهايا آهن، تن جو بيحد مختصر احوال حيدر بخش جتوئي پنهنجي لکڻين ۾ ڏنو آهي.

مير، پير ۽ وڏيرا مفادن جي حوالي سان ٻٽ رهيا آهن. هنن جي ڪرت جو طريقو هندن جي قديمي ذاتياتي گروهن جهڙوڪ برهمڻ، کترين ۽ وئشن جي هلت سان ميل ٿو کائي. سنڌ جي عام ماڻهو کي، جنهنکي سوچي سمجهي هاري (يعني شڪست کاڌل) جو نالو ڏنو ويو، سو شودر جيان، يا اڃان به وڌيڪ ڪريل ذات پريا Paraya جيان لوڙيندو رهيو آهي. حيدر بخش جتوئي، مسلمان پاءُ وڏيري ۽ مسلمان پاءُ هاري جي وچ ۾ قائم رشتن جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، سو وار ڪانداريو ڇڏي.

ياد رهي ته انهن زميندارن، نيپيئر کان ايلاز ڪري، پنهنجون زمينون، خاص ڪري شڪارگاهه واپس ورتا، جي ڪين، پين مڙني املاڪن کان وڌيڪ عزيز هئا. تاريخ ثابت ڪيو آهي ته هر ڏڙٻاٽي Bully ڪائر هوندو آهي. بهرحال، اها نقشگري يا مصوري تڏهن ثاب پوندي جڏهن ترتيبوار انهن سنڌ توڙي پنجاب جي، پيرن، سيدن ۽ سجاده نشينن جي جبر ۽ ان جي خوفناڪ نتيجن کي فلمائجي. انهن اعلىٰ حضرتن، سالن جا سال، عام ماڻهو کي اهو پٽي بانور ڪرايو آهي ته پنهي جهانن ۾ سندن نجات جو پروانو هنن

جي هٿ وس آهي. هندو مت جي برهمڻ جيان، هنن مسلمان برهمڻ به هر ممڪن نموني، خلق کي روحاني طرح ڪنگال پي رکيو آهي.

انهن خون پياڪ گروهن جو مخفي گڏيل مفاد اهو پئي رهيو آهي ته ڪيئن به ڪري عام انسانن طور پاڻ پروڙ يا انساني حقن جي سمجهه کان ڪوهين ڏور رکن.

هندو عاملن توڙي پابند تاجرن به انهيءَ حڪمت عملي تي عمل ڪندي عام ماڻهو يعني خلق جي سڌاري لاءِ ڪابه سرجوشي نه ڏيکاري. پاڻ، هنن سروخرو ٿيڻ لاءِ سنڌ جي صوفين ۽ پيرن جا در پئي پيٽيا آهن. عجب آهي ته اهي هزارين صوفي سگهورا، عورتن سان ڪاروڪاري واري مامري ۾ ٿيندڙ انياءُ تي سارو عرصو چپ ۾ رهيا، پر ڪو هلڪو احتجاج نه پئي ڪيائون. هڪ غير صوفي، نيپيئر جي هڪ ئي قدم سان اها گهٽتا ڪافي گهٽجي ويئي. مذڪوره گروهن، هميشه انهيءَ صوفي مت جي سهاري، خلق کي تاثر ڏنو آهي ته هيءَ دنيا، ايندڙ جهان جي پيٽ ۾ ڪين جهڙي آهي.

انهيءَ صورتحال جو اثر اهو ٿيو آهي ته سنڌ واسي مادي توڙي روحاني بي وسيءَ جو شڪار رهيا آهن؛ ۽ ان جي نتيجي ۾ سڄو سنڌي سماج ڊانوان ڊول رهيو آهي.

سنڌ ۾ دانشور طبقي جي اوسر جُونءَ پير جي رفتار سان ٿي رهي آهي. انڪري اهو ايترو با اثر به ڪونهي. وري جيڪو اٿي ۾ لوڻ برابر آهي، سو ڪامورن ٿيڻ جي شوق ۾ ورتل آهي، ۽ وڏ-پيٽائو ڌرين جي سلامي هڻڻ تي نازان آهي. ان کي نه مرزا قليچ بيگ جي علمي سر گرمين جي اهميت جي سمجهه آهي، نه ئي ڪيس حيدر بخش جتوئي ۽ الهه بخش جي پاران عام جي آسودگيءَ لاءِ ورتل ڪوشش کي اڳتي وڌائڻ جو اونو آهي. ڪين پِيٽ ئي ڪاڻ تي پوي ته سماج جي ڪمزور ڪڙي ڪهڙي آهي؟ مهاجر يا پناهگير، جن ۾ ڪو دهليءَ جو آهي، پيو ملبار مان آيل آهي، ٿئين جو تعلق ڪنهن بئي علائقي سان آهي، ۽ چوٿون پاڻ کي يوپي ۽ سي پي جو تو

پڏائي، هت بي پاڙي ول جيان آهن. هي، جڏهن پنهنجي جنم ڀومين ۾ ئي رهيل هئا، تڏهن به جنم ڀومين کي ماتر ڀومي سمجهڻ کان قاصر رهيا. سندن ذهنيت جي پروڙ، سندن ڪنهن شاعر جي هيٺين سٽن مان پئجي ويندي:

ميري مولا بلالو مديني مجهي،

مار ڍالا اس فلڪ ني اور هندستان ني،

بيڪسي ني، مفلسي ني، حسرت و ارمان ني،

ڪوئي ساٿ نا اپني لياري مجهي،

ميري مولا بلالو مديني مجهي.

تڙجي يا خوشيان آيل مهاجرن جي ذهنيت ۾ جا افراتفري ۽ هنگامه خيزي هئي، سا وقت جي دز ۾ لٽجندي وئي. هي اوير جرمنيءَ جا واسي نه آهن، جو ڪين اولهه جرمنيءَ ۾ پرجوش پليڪار ملي، ۽ نه ئي هي ڪي پلگرم فادر Pilgrim father آهن، جي سمونڊ جهاڳي، آمريڪا جي ويران پٽن ڪي والارينڊا آهن.

هي هتان جي مقامي ڪلچر کان بلڪل اڻ ڄاڻ آهن. ڪين هت اچڻ کان روڪيندي، هندستان جي نامياري شخص ابوالڪلام آزاد ڪين اهو چتاءُ ڏنو هيو ته ”توهان جنهن پاڪستان ۾ وڃو پيا، تنهن ۾ مختلف ڪلچر، ٻولين ۽ ادب وارا ماڻهو ورسيل آهن ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي توڙي روايتون هڪ ٻئي کان به جدا جدا آهن. جيڪر اڄ کان 25 سال پوءِ هي هنن ۾ قومپرستي پيدا ٿي پوي، ته پوءِ اوهانجو حشر ڇا ٿيندو؟“ مولانا جي انهيءَ بروقت چتاءُ کو ڀوتو نه پاريو. پر هڪ طرح مولانا جي اها سياسي پيشنگوئي، سورنهن آنا سچ ثابت ٿي.

جنهن گهڙي، هي، پاڪستاني سرحد ٽپيا، ان مهل ئي، هنن جي واپسيءَ جون راهون متجي ويون. هي، پنهنجي جنم ڀومين، جتي سندن ابا

ڏاڍا پوريل هيا، ڏي واپس ورڻ جو حق وجائي ويٺا – هنن ٻه ته ڪڏهن ٻه جنم ڀومين کي ماتر ڀومي نه سمجهيو هو.

هي هاڻي، ڪراچي ۾ اترئين حصن مان ايندڙ آبادي، جنهن ۾ هنن لاءِ ڪابه انسيت ڪانهي، جي ڪري اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن.

مقامي ڪلچر، ٻولي ۽ ويچارن کان ڏور مخصوص دائرن ۾ قيد، شيعه سني تڪرار جي ڪري باهمي ڪروڌ ۾ ورتل ۽ مقامي پيرن ۽ ميرن جي غلامي کان ٿهندڙ هي مهاجر، مقامي سنڌي خلق – جن کي پنهنجا ٻه ڪنگهن ڪونه – سان ميل جول لاءِ تيار ڪونه آهن.

جيستائين سنڌي خلق يا عام ماڻهو– جو ئي سنڌ آهي ۽ زنجير واري ڪمزور ڪڙي آهي – سگهارو نه ڪبو، تيستائين سنڌ کي سرهو ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش ثاب نه پوندي، جڻ اسين هيملٽ ڊرامي کي بغير هيرو يعني پرنس آف ڊين مارڪ کان سواءِ اسٽيج ڪنداسون.

(سنڌ ڪوارٽرلي Volume XIII, 1985/1 )

# نوجوانن جو پنهنجي سنڌ ۾ ايمان

چوٽي آهي ته جهاز جڏهن ٻڏڻ لڳندو آهي تڏهن اتان ڪوئا تين وال ٿي ويندا آهن. ڀلا چو نه ڀڄن؟ ڪوئا آخر ڪوئا آهن. جڏهن ڪين خبرهجي ته جهاز ٻڏي رهيو آهي، پوءِ به هو بالم بنيو ويٺا رهن. اها ته عجيب وغريب صورتحال ٿي. پاڻ بچاءَ جو جذبو ڪين ڀڄڻ تي مجبور ڪري ٿو. ٻئي پاسي، جيڪي ڪوئا جان بچائڻ لاءِ بي مروت سمنڊ ۾ پاڻ ڇڏيندا آهن، تن مان گهڻا تڻا ته محفوظ مقام تي ڪونه پڄندا آهن، سو اهي ڪوئا، ڪوئي وارو موت مرن، نڪي ماڻهو جهڙو. اڪثر حالتن ۾ ماڻهو ٻڏندڙ جهاز ڇڏيندا نه آهن.

نيويءَ وارن جي هڪ عجيب پر مقدس روايت اها آهي ته خاص ڪري جنگين دوران جهازن جو ڪيپٽن، مسافرن کي خطري مان اڪرائي لائيف ٻيڙين ۾ ٻيڙو ڪري پاڻ جهاز سميت سمنڊ جي تري ۾ الوپ ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ته ان کي Tar (سمنڊ جهاڳيندڙ يا ملاح) چيو ويندو آهي، نڪي ڪوئو Rat. ڀلا آخر ڪوئو Rat ڪيئن ملاح Tar ٿيندو يا ملاح Tar ڪهڙي پر ڪوئو بنبو. ٽرئفلگر جنگ هلندي برطانيه جو هڪ مانائتو ملاح لارڊ نيلسن، شديد زخمجي جڏهن وڪٽري نامي جهاز ۾ آخري پساهه پورا ڪري رهيو هو، تڏهن سندس آخرين لفظ هي هئا ته ”رب جي مهرباني، مون پنهنجو فرض نڀايو.“ انهيءَ جنگ جي آغاز مهل سندس پهريان لفظ اهي هئا ته ”برطانيه ان ڳالهه جي گهرجائو آهي ته هر ماڻهو پنهنجو فرض پورو ڪري.“ اسان کي لفظن ”هر ماڻهو“ تي اکيون پوٽڻ نه گهرجن. چاڪاڻ ته عظمت جي ڪهاڻي انهن سان ئي لاڳاپيل آهي. هائو هر ماڻهو ئي عظمت جي اڏاوت ۾ حصيدار ٿيندو آهي. هر ماڻهو ۾ نيلسن نه صرف پاڻ کي، پر پنهنجي قريبي بالا عملدارن کي به شامل ٿي ڪيو. انهيءَ گهمسان واري لڙائيءَ ۾ نيلسن جهاز جي ڊيڪ تي ”ائڊمرل“ جو يونيفارم پهريو بيٺو هو. دشمن کي سندس فوجي نشان چٽو نظر اچي رهيو هو. ان دير

نہ ڪئي ۽ ڪيس گهائي وڌو. شايد هن پاڻ ڏيکاري بيوقوفي ڪئي ۽ ان جي ئي نتيجي ۾ شديد زخمجي پيو.

بهرحال هن برطانيہ جي هڪ روايت ٽوڙي. اتان جا نواب صاحبان جنگ جي آڙاهہ کان پاڻ بچائي، عام خلق کي ئي ان ۾ ڌڪيندا هئا، پر نيلسن جي انهيءَ روايت ٽوڙ عمل جو اهو نتيجو نڪتو، جو اڳتي هلي ڪري اتان جي شاهي خاندان جو پرنس آف ويلز کان ننڍو شهزادو بذات خود ارجنٽائين واري جنگ ۾ ايترو تہ مشغول هو جو ڪڏهن ڪڏهن اهو ٽي هُليو تہ همراهہ گم ٿي ويو آهي يا مري کپي ويو آهي.

مگر ننڍي ڪنڊ ۾ ان جي عين ابتڙ پئي ٿيو آهي. شاهوڪار شاهي هميشہ غريبن ۽ آدرشين کي جنگ جي آڪاڙي ۾ ڦٽو ڪيو آهي ۽ وري انهن جي ئي لاشن تي پنهنجي مفادن جي آبياري پئي ڪئي اهي. ۽ پنهنجو اڳهہ پئي وڌايو آهي. برطانيہ ۾ غريب توڙي امير، جنگ جي ميدانن ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهندا رهيا آهن. اسان کي تہ اهو بہ معلوم ڪونهي تہ اهو اَڄاتو سپاهي ڪير آهي، جنهن جي قبر تي هر سال نہ رڳو بيا ماڻهو، پر بنفس نفيس ملڪ سڳوري بہ گلن جي ورڪا ٿي ڪري. اهو سپاهي عام کان عام ماڻهو ٿي تو سگهي. برطانيہ توڙي بين ملڪن جا جوان پنهنجي سماج جي بي فيض، خودغرض ۽ ڳيجهو ماڻهن کي اها اجازت نہ آهن ڏيندا تہ هو سندن بي مثل قربانين جي آڌار تي مخصوص ييپ پريل ڏرين جي ياوري ڪندا رهن.

جڏهن آمريڪا کي ويٽنامي جنگ ڳچيءَ ۾ پئجي ويئي ۽ ڪيترائي آمريڪي جوان فوجي موت جو شڪار بنجندا رهيا، تڏهن نہ رڳو صدر نڪسن جي وقتائتي سفارتڪاري ڪم آئي، پر گهڻي ڀاڱي آمريڪي نوجوانن جو ئي سخت ردعمل هو، جنهن جي باعث آمريڪا انهيءَ جنجال مان جند آڇي ڪرائي سگهيو ۽ هڪ نموني سماجي گهوٽالي کان بچي ويو. آمريڪي نوجوانن نہ پاڻ ڦرائڻ تي چاهيو ۽ نہ ئي بين کي ڦرڻ تي گهريو. اتان جي سپاهين وڙهڻ کان نابري واري، انڪري جو اها جنگ آمريڪا جي مفاد ۾ نہ هئي. جنگ کان انڪار ڪري، ڪي ڪورٽ مارشل ٿيا تہ ڪي

گولين جو بک بنيا. ٻئي پاسي جن نوجوانن ڪي زوريءَ فوج ۾ ڀرتي ٿي ڪيو ويو تن به فوجي حڪمنامن کي ڦاڙي وڌو ۽ قيد ۽ سزائن کي ترجيح ڏنائون. مشهور باڪسر محمدعلي ڪلي به انهن جوانن مان هڪ هو. ائين پنهنجي ڪلڻ هاب نيڪالي کي نظرانداز ڪندي ويٽنامي جنگ مان جان ڇڏائيندي، آمريڪا پنهنجي داخلي ٻيچ ڊاهه کي روڪي وڌو. اها آهي نوجوانن جي سگهه. هاڻي سنڌ ۾ به نوجوانن کي اها روش اپنائڻ گهرجي. ڪين بي حس، بي ضمير پوڙهن ڪڳن جي مفادن واسطي پنهنجي غلط ۽ اڪارٿ واهپي کان انڪاري ٿيڻ گهرجي. نندي ڪندڌ ۾ سياسي اياٽپ لڪين ماڻهن تي بي رحمانه نموني اثرانداز ٿي آهي ۽ انهن جي ڏولاون جو باعث ٿي آهي. ڇڻ تاريخ جي رٿا، پنهنجي ليکي، هميشه لاءِ ڊانوان ڊول ٿي ويئي آهي.

بي مقصديت سان ڇهتيل، خود غرض ۽ بي رحم فردن سوچي سمجهي، چاڻي واڻي بي سمجهه، بي خبر نوجوانن جي آدرشن کي ڇيپاٽيو آهي ۽ ڪين روحاني طرح ڪنگال ڪري انهن کي راڪاسي حيثيت ڏيئي، باقي آدم جي ڦتڪار لائق بنايو آهي. 1854ع ڌاري هينرڪ ڪيلر (Heinrick Keller واضح ڪيو ته هو ته ”هڪڙو اڪيلو شخص ڪيترن ئي ماڻهن کي موگو ۽ ڪسي ڪري تباهه ڪري سگهي ٿو. وري اهي ماڻهو پاڻ تي ٿيل احسانن جي شڪرگذاريءَ طور ٻين ڪيترن کي پاڻ جهڙو ٺاهي وٺندا. جڏهن ڪنهن جي ڪوڙن سان پالنا ٿيندي ته اهو ياعمر پيو ڪوڙن جي خوراڪ لاءِ واجهائيندو. ائين هڪڙو ڪنهن ڪوڙ جي ڪري فاعدي ۾ ويو ته وري ٻين ڪوڙن جي پالنا ڪندو. سو بدمعاشن جو هڪ ئي حسب آهي.“

يوگين ايچ ميٿون (Eugene H. Methvin) چواڻيءَ:”جڏهن ڪو متعصب ۽ ڪٽو پنهنجي زورڀانيءَ جي مدد سان مريدن جو ٽولو جوڙي وٺي ۽ انهن جي پنهنجي بيڪار خيالن سان مالش ڪندو رهي ۽ ڪين هردم اهو باآور ڪرائي ته اوهان کان سواءِ ٻي سڄي خلق دنيا جي تباهيءَ جي تمنائي آهي. رڳو اوهين ئي دنيا جا رکوالا ۽ پاسبان آهيو. مٿان وري انهن کان پاڻ تي

(متس) انڌي اعتقاد رکڻ جي طلب ڪري ته پوءِ نتيجي ۾ اهو ٽولو ٺهيل ٺڪيل سماج جا بکيا ادوڙي، ڏوهن جو طوفان برپا ڪري سگهي ٿو.“

سنڌي نوجوانن کي پنهنجن خسيس ذاتي مفادن کان وڌيڪ ڪو پيو عظيم مقصد پورو ڪرڻو آهي، ڪين اها لنبي چاڙهي چڙهڻي آهي. جنهن جي ڊيگهه ٽوڙي انگڙ ونگڙ دماغ خطا ڪريو ڇڏي. اهڙي صورتحال وڏي همت، وطن لاءِ سڪ ۽ ان کي سجائڻ جي جذبي جي گهرجائو آهي.

1857ع واري جنگ آزادي ۾ وڏي تباهي ٿي هئي. جنرل هڊسن بذات خود شاهي شهزادا ڪٺا هئا ۽ تن جو خون پي بڪيو هو ته ”هاڻ ئي ته مون پنهنجي اڃ اجهائي آهي.“ مغل شهنشاه بهادر شاهه ظفر کي قيد ڪري رنگون موڪليو ويو، جتي ڪيس پنج روپيه في مهينو گذر بسر لاءِ ڏنا ٿي ويا. دهلي ٽوڙي لکنوءَ جا عاليشان پاڙن جا پاڙا مٽي جو ميدان ڪيا ويا، جتي هاٿي فوج کي پريڊ ٿي ڪرائي ويئي. دهلي جي خوني دروازي ۽ لکنو واري چونڪ وٽ هر روز شاهي خاندان جا فرد ڦاهيءَ چاڙهيا ويندا هئا، جن جي نظاري لاءِ يورپي زائفائون اچي مڙنديون هيون ۽ تن کان في ننگ چار آنا اوڳاڙيا ويندا هئا. ڪراچي جي هاٽوڪي ايمپريس مارڪيٽ واري جاءِ تي پندرهن سنڌين کي گولين سان پسم ڪيو ويو هو. اهي سڀ وار ڪاندارينڊڙ نظارا پين ساڻ سر سيد احمد خان به اکين ڏٺا. هن خوفزده ٿي ڪنڌ وٺي ويهڻ بجاءِ سماج جي نئين سر اڏاوت جو پڪو پهه ڪيو.

تاريخ شاهد آهي ته سنڌس اها همت ڦلدائڪ ثابت ٿي. راهه روڪ پٿرن کي ڪنهن وڏي ميڙ تي اچلائڻ کان وڌيڪ انهن مان اڳتي وڌڻ جو ڪم وٺڻ لاءِ هڪ وڏي همت جي ضرورت پوندي آهي. جڏهن مخالفت بيحد طاقتور هجي ۽ ان تي قابو پائڻ جي هڪ ئي واهه هجي: تشدد. تڏهن اهڙين حالتن ۾ هاڪاري ۽ مثبت همت اها ٿيندي ته تشدد کان پاسو ڪجي. جمال الدين افغاني سر سيد کي انگريزن جي مخالفت ڪرڻ لاءِ زور پريو هو. هن افغانيءَ کي چيو هو ته ”بلوي جا نتيجا مون اکين سان ڏٺا آهن، تو نه آهن ڏٺا.“

ساڳئي طرح گوکلي (Gokhle) پڻ غدر پارٽي سان واسطي ۾ اچي انگريزن جي پرتشدد مخالفت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان جي بجاءِ هن صاحب عالمن ۽ دانشورن جي تعاون سان ”خادمين هندستان سيا“ جو پايو وڌو. انهيءَ سيا آزاديءَ ۾ حائل مسئلن جي چنڊڇاڻ ۽ ڪاميابيءَ جي طريقن جي تشڪيل جي شروعات ڪئي. هائو، ساڳئي طرح عظيم پيانو نواز پئڊرووسڪي (Padrovisky) بہ بندوق بجاءِ موسيقي سان پنهنجي محبوب وطن پولينڊ کي جرمنن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ جنگ جوٽي.

جڏهن سنڌ جي نانءَ متائڻ جا سانباها ڪيا پئي ويا، تڏهن ڪي ٿورڙا سنڌي عالم هڪ جاءِ ڪٺا ٿيا ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو بنياد وڌائون، جنهن کي هاڻي وڏي حرفت ۽ چالاڪيءَ سان موت ڏي ڌڪيو پيو وڃي.

هڪڙي پرامن ٻليءَ اهو فيصلو ڪري تہ هاڻي ڪوئن سان دشمني ڇڏجي ۽ پر امن بقاءِ باهمي تي عمل پيرا ٿجي، هڪ ڪوئي وٽ پهتي ۽ ڪوئي کي دعوت ڏنائين تہ ٻر مان نڪري مٿي اچي ۽ امن جا شرط اچي طئي ڪري، تڏهن ڪوئي پنهنجي ٻر مان ئي وراڻيو هو تہ ”مادام! آئون اچان جيئڻ ٿو چاهيان، سو ٻر مان ٻاهر اچڻ لاءِ معذور آهيان.“

اهو ننڍڙو ڪوئو بہ اسان مان گهڻن کان تيز نڪتو، ڇو تہ اسان پنهنجي انفراديت کي ٿڏو هڻي، اگوات رٿيل ۽ اڇلايل ڄار ۾ ڦاسجي، هيٺي ۽ سگهاري ۾ ٿيندڙ صلاح مصلحت سان لاڳاپيل چالاڪين جو شڪار ٿيندا آهيون. مهاتما گانڌي کان ڪنهن پڇيو تہ ”هو ڇو آجپي (Liberty) سان لاڳاپيل جوکم تو کڻڻ گهري.“ تنهن تي ٻاڻ وراڻيائين تہ ”آئون گناهہ (ڪرڻ) جي آزادي چاهيان ٿو.“

ساڳئي طرح جڏهن مائونٽ بيٽن قائد اعظم کي چيو تہ ڪيس (يعني قائد کي) هن ننڍڙي پاڪستان حاصل ڪرڻ مان ڇا ورندو، تڏهن قائد اعظم هڪڙي پراڻي اخبار کي ڦهلائي، مائونٽ بيٽن کي مخاطب ٿيو، ”هن اخبار جيتري پاڪستان تي بہ آئون مطمئن رهندس.“

ائين مائونٽ بيٽن هٿيار ڦٽا ڪيا، هن کي پاڪستان اٿر لڳو. تاريخ ۾ هميشه ائين ئي ٿيو آهي ته بنيادي گهرجن (Essentialities) تي ڪابه مصلحت نه ڪئي ويندي آهي.

جيتري قدر سنڌ جي دانشورانه عظمت جو سوال آهي، انهيءَ سلسلي ۾ هر نوجوان کي نِنڍڙي ۾ ننڍڙي ذاتي مصلحت کان پاسو ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڪٿي چا مان چا ٿي پوي. سنڌ صدين تائين يوڳيو آهي، وحشي غاصبن جي قبضي ۾ رهندي اچي. انهيءَ گهگهه اونداهي ڪڪر جي پويان روشنيءَ جو ترورو اهو آهي ته جن به هتي قبضو ڪيو، تاريخي جبر کين سنڌي بنائي ڇڏيو آهي، ايتري تائين جو اهي اڄ پاڻ کي سنڌي سڏيندي بود ۾ پرجي وڃن ٿا، سنڌن دلين ۾ سنڌ لاءِ پيار جو درياءُ اٿلون تو ڪائي. آخر پيار ئي انسان جي اهم وٿ آهي. اهو پيار ئي وري اعتبار يا ايمان کي وڌائي ويجهائي ٿو. سنڌي نوجوانن جو اهو پيار ۽ ايمان ئي سنڌ جي روشن مستقبل جي ضمانت بنبو. مڙني کي شايد اهو معلوم هوندو ته جرمني جي سول سروس (سرڪاري نوڪري) وارو شعبو پنهنجي بهترين ڪارڪردگيءَ جي ڪري دنيا ۾ نامور آهي. جرمن گهرائي يا پورنتا (German Thoroughness) اڄ اصطلاح جي صورت اختيار ڪئي آهي. اتان جي سول سروس بيحد ذهين جرمن نوجوانن لاءِ ڇڪ جو باعث رهي آهي، باوجود انهيءَ حقيقت جي ته ان ۾ ڪو وڏو پگهار ٿنو ملي. پاڻ صنعتي ۽ واپاري شعبن ۾ وڌيڪ ڪمائي هوندي آهي، پر پوءِ به جرمنيءَ جي حب انهن نوجوانن کي ان شعبي ڏي مائل ڪري ڇڏي ٿي. نتيجو اوهان جي آڏو آهي.

ٿلهو ڪي صوفياٽا ڳيچ ڳائڻ سان يا ڪن گهيرت ڏيارينڊز ڳڏجاٽين ۾ شامل ٿيڻ سان ڪا سنڌ جي خدمت ۽ ياوري ٿوري ٿيندي. پنهنجي ذات کان وڌيڪ سنڌ کي اهم سمجهڻ واري آدرش تي عمل پيرا ٿي، سنجيدگيءَ سان اقتصادي، سياسي ۽ تهذيبي ڏولاون، جي سنڌي سماج جي ترقي ۽ واڌ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن، جو پرپور اپياس ڪري، نئين سنڌ جي اڏاوت ۾ حصيدار ٿي، سنڌ جي خدمت ڪري ٿي سگهجي. قديم يونانين جو چوڻ هو

تہ ”جتي حالتن جو پورو ادراڪ ۽ ڏورنگاھ (Vision) ڪونهي، اتي عوام ڏڇي ۾ آهي.“ نيپولن جي چوڻ موجب، ”تصور (Imagination) ئي دنيا تي حاڪميت ڪري ٿو.“ ۽ تصور جيڪر ينگ جي چڪي جو ڪونهي تہ ان ڪي تز حقيقتن سان سلهاڙيو وڃي. چو تہ چوٽي آهي ”توهانجي گاڏيءَ جو رخ ڪٽي ستارن طرف هجي، پر انجا ڦيٿا وري بہ پٽ تي هئڻ گهرجن.“

سنڌ پرستن ۽ سنڌ جي سونهن جي گهرجائو نوجوانن ڪي انهن ڪڙين حقيقتن جي آگاهي ماڻٽي پوندي، جن اسانجي سنڌ ڪي مرضي وڌو آهي. گوڪلي تہ ائين ڪيو هو. ”هي انگريز هزارين ميل پري جا ماڻهو ڪاٺ پيڙين ۾ چڙهي هت وارد ٿيا ۽ ڏسندي ڏسندي حاڪم بنجي ويا؟ آخر چو؟ ڪيئن؟ ضرور ان جا ڪي ڪارڻ هوندا. سوڊاواڻري اتساهيت بجاءِ اسان ڪي اهي سبب سمجهڻ گهرجن تہ جيئن آزاديءَ جي راهہ ۾ اڳتي وڌي سگهون.“ هن ويچاريو ۽ خادمين سيا جو بنياد وڌائين.

بلڪل انهيءَ نموني سنڌي نوجوان، ننڍا ننڍا اپياسي گروهہ جوڙي سنڌ جي تاريخ، اقتصاديات ۽ سماجيات جو پرپور جائزو وٺي پاڻ ڪي پنهنجي محبوب وطن جي خدمت لاءِ تيار ڪري سگهن ٿا. پيار جو عيوضو قرباني بہ ٿيندو آهي، وقت جي قرباني ڏيئي ڪري سنڌي نوجوان سنڌ ڪي نهوڙيندڙ مرضن جي سببن ۽ اوسر جو مڪمل اپياس ڪري، بچاءَ جو ڪوششون وٺي سنڌ جي خدمت ڪري سگهن ٿا. اهائي راهہ صحيح، سنجيده ۽ سائنسي آهي جا ڪين ڏڳ لائيندي ۽ سنڌ ۾ سندن ايمان جي ساک ٿيندي.

مرض جو سبب جاڻڻ بنا علاج ڪرڻ ائين آهي، جيئن ڪو انڌو انتهائي اونداهي ڪمري ۾ ڪاري ٻلي ڳولهي، جا ان وقت ڪمري ڪان ٻاهر هجي.

ڊاڪٽر، جيڪي ماڻهن جي مرضن جو علاج ڪندا آهن، سي بي سبب پئٿالوجي (Pathology) (مرضن جو علم) ۽ اٿيالوجي (Etiology) (مرض جي سببن جي علم) جو گهرائيءَ سان مطالعو نہ آهن ڪندا. سنڌ جا نوجوان سنڌ جي خدمت تڏهن ئي ڪري سگهندا، جڏهن اهي سنڌ جي

مسئلن جو اپياس ڊاڪٽري ۽ انجنيئري علم وانگيان ڏيان ۽ معروضيت سان ڪندا. اهائي ڳالهه سنڌن سنڌ ۾ ايمان جي صداقت کي ثابت ڪندي.

اهڙي مشن جي پورائي لاءِ ڪين پنهنجن ئي دانشورانه وسيلن تي ياڙتو پوندو. تمام گهڻو وقت هو وڏڙن تي ياڙيندا آيا آهن ۽ ٺڳبا آيا آهن. پوڙها ڪڳيون هٽي، سنڌن سرواٽي سنيالين ٿا ۽ پوءِ سنڌن متيون منجهائي ڪين راهه ۾ رلائين ٿا.

يقينن، ڪيترائي وڏڙن جا گروهه هوندا، جي سنڌي نوجوانن جي ايرنڊڙ سگهه جي خاتمي تي سرها ٿين. ان واسطي هي مردود نه رڳو تباهه ڪن طاقتن کي پليڪار ڪندا، بلڪ پاڻ به نوجوانن کي تباهيءَ جي آڙاهه ۾ اڇلائيندا. يورپ وارين صليبي جنگين ۾ ائين ٿيو هو. خودغرض مستقل مفادي نوجوانن جي وڏنڊڙ سگهه کان ڊڄي ويا هئا.

هنن مذهبي جولان جو فائدو وٺي يوروپي نوجوانن کي وچ اوير جي رڻ ۾ رلايو. سچ پچ تاريخ پاڻ کي دهرائي ٿي.

سنڌي نوجوان خدمت سنڌ جو مشن تڏهن ئي پوري ڪري سگهندا، جڏهن هو پنهنجي جذبن کي دانش ۾ منتقل ڪندا. بلڪل ائين، جيئن ڪار جي ٽينڪ (حوض) ۾ پيل پيٽرول، قطرو قطرو ٿي سئلينڊر پهچي ٿو، اتان وري موٽر جي توانائيءَ جي صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙي راهه ۾ ڪنهن خودغرض ۽ بي حس فرد جي سرواٽي قبولڻ معنیٰ پنهنجي خون تي ان مردود کي جيئرو رکڻ.

(سنڌ ڪوارٽرلي Volume-XIII, 1985-2 )

# پورو ٿيو.